# ڀُوري

( سنڌي ڪهاڻيون )

## ليکڪا: سندري اتمچنداڻي

**Bhoori**
**& other stories**
**By Sundri Uttamchandani**

قيمت: سادي جلد ساڍا پنج رپيا
ڪپڙي جي جلد ساڍا ڏهه رپيا

ڊسمبر ١٩٧٩

Go to the Index page & click the page number of the story that you wish to read.

نئين دنيا پبلشرس

C/o Asha Chand
+91 9769313331 , +91 9821473200,
+971 50 4506739
www.Sundriuttam.com
www.SindhiSangat.com
info@SindhiSangat.com

# فهرست

| ڪهاڻي | صفحو |
|---|---|
| ١- تلاش | ٥ |
| ٢- ڇنڙي | ١٣ |
| ٣- پيار پيار، پيڙا پيڙا | ٢٥ |
| ٤- ڀوري | ٣٥ |
| ٥- چماٽ | ٤٦ |
| ٦- اِنسان جو آهيون | ٥٦ |
| ٧- ڪشميري ساڙهي | ٦٦ |
| ٨- آملهه ماڻڪن جو واپار | ٧٦ |
| ٩- ڄڻ ڪوئي مري ويو آهي | ٨٥ |
| ١٠- شڪست | ٩٥ |
| ١١- ٻچو ٻچان | ١٠٧ |

**Bhoori & Other Stories by Sundri Uttamchandani**

ڇپائيندڙ: لئين دليا پبلشرس، ڀڳوتي ڀوان، ڀٽ واڙي، ڪٺاري روڊ، مٽونگا، بمبئي-١٦

ڇپيندڙ: واسديو جي. واڌواڻي، سندري پرنٽنگ پريس، شاپ نمبر ٤، چيمبور ڪئمپ روڊ، چيمبور ڪالوني، بمبئي - ٤٠٠٠٧٤

# ڇپائيندڙ طرفان

هيءَ سنڌريءَ جي ڪهاڻين جو نئون مجموعو آهي جو شايع ڪريون ٿا. هن ۳۳، ۳۴ سال اڳي لکڻ شروع ڪيو ۽ لکندي ٿي رهي- ڪهاڻيون، ناول، ناٽڪ، مضمون ۽ ڪوتائون.

سنڌس ڏيڍ سو کن ڪهاڻين مان هتي فقط ۱۱ ڏنيون آهيون. جن مان ڪافي اڳي ڇپيل آهن ته ڪي نيون به لکيل آهن. ڪمال ته اهو آهي ته سنڌريءَ جون ۱۵، ۲۰ ۽ ۲۵ سال اڳ واريون ڪهاڻيون به اڄ لڳ نيون پيئون لڳن، جنهن هن مجموعي ۾ ڏنل ڪهاڻين پڙهڻ سان معلوم ٿي سگهندو. اها اڳئين مهني لاڙڪاڻي سنڌ مان هڪ اڻ واقف سڄڻ اشفاق حسين منگيءَ سنڌريءَ جي "جڻ ڪوئي مري ويو آهي" ڪهاڻي پڙهي پنهنجي واکاڻ ۾ وسان نه گهٽائي آهي ته ساڳئي ئي وقت اڏيپور جي ڪشن ڀاڄ ۲۵ سال اڳ واري ڪهاڻي "آمله، ماڻڪن جو واپار" پاڻ پڙهي ۽ پنهنجي دوستن جي ساهتڪ

ٻڌڻ ۽ پڙهي خوشي حاصل ڪرڻ لئي مبارڪ موڪلي اٿس. ايترئون ئي جهوليون ڪهاڻيون آهن پـوري، شڪست، ۽ ڪشميري ساڙهي جيڪي ٻين ٻولين ۾ به ترجمو ٿـي مقبول ٿيون آهـن. پيار پيار، پيڙا پيڙا، ڪهاڻي جيڪا جڳ مشهور ڪهاڻـي نـويس چيخوف، او هينري، موپاسان، گورڪي، پريمچند، يشپال، ڪرشن چندر جي ڪهاڻين سان گڏ ٿين دنيا جي خاص وشـق ڪهاڻي پرچي ۾ ڇپي هئي، تنهن بابت اسانجي بزرگ ۽ اعليٰ اديب **پروفيسر منگهارام ملڪاڻي** پنهنجي ڇپيل رائي ۾ لکيو آهي، ”مجموعي جي بهترين آڪاڻي سنڌي آڪاڻي آهـي- ”پيار پيار، پيڙا پيڙا“ ۽ لکـندڙ آهي سندري اتمچنداڻي. هن ڪهاڻيءَ جو بيباڪ موضوع، انهي غير رواجي ناٽڪا جو منووگيانڪ ڇيد ۽ ان جي نفيس ۽ سندر بياني طرز، هن ڪهاڻيءَ کي نهايت اوچو درجو ڏين ٿا. جيڪڏهن سنڌي ليکڪن کي غير سنڌي ڪهاڻين جي مثالن مان ڪجهه پرائڻو آهي ته هـيءَ **سنڌي ڪهاڻي به غير سنڌي ليکڪن لاءِ مثال ٿي سگهي ٿي.** سندريءَ کي منهنجون مبارڪون.“

هن ڪاپيءَ وڌيڪ ڇا چئجي! پـال ته پاڻ پاڻ ڪهاڻيون پڙهي اچين ٿين.

فلم جي شوٽنگ بند ٿيڻي آهي ۽ من اندر جو هاڻاڪار متو هو اُٿيو ۽ اُلٽ اچي ويو آهي. جڳمڳائيندڙ ٻتين جي روشنين ۾ جڏهن ڪلاڪار ڪئميرا جي اڳيان پارٽ ڪري رهيا هئا تڏهن اُنهي ڪـڙا ٿيا هئا من جا اُليڪ پوسٽ، ڪيڏو شور مچايانون مـــن ۾.... اُف ڪيڏيون رڙيون ڪيون مون.... بند ڪريو بند ڪريو.... مون تـ من اندر جاڳيل ٻولن کي رڙيون ڪري پڇاڻا چاهيو مگر

## تـــلاش

ٻچي ويا هي سڀ، سارو سيٽ اُداس اُڀوڳو خـالي پيو آهي....

شهر کان ڪي ٽوراٽي ميل پري آهن ٻڌ جا مندر.... دٻل قتل پر اُلمس ڪوچ جا ممبر.... اليڪٽي ڪرٽي هئي مولڪي پنهنجي فلم جي شوٽنگ.

منهنجو سارو اُٽالو ڳوٺ جي زميندار وٽ مهمان هو بنگلي جو دروازو کوليو اچي زميندار جي وڏوا لنهن....

من اندر هڪ رڙ اُٿي.... هتي آهي ٽرپتي... جنم جنمانتر جي کوج جو اُلٽ...

صبح صبح وڏوا جي پرفيلن هٿن ولين ٻـوٽن کي

پاڻي پيئي ڏنو... سمنڊ جو عجيب درشن.... هرياليءَ
وچ اُچو ڪمل!

ولين مان نديا اُچا گل ڇني سمنڊ چرڻ وقت رکي ڇڏيم.

معصوم گول اکيون سورج مکيءَ جيان کڙي پيئون، چيائين: ديدي ناهيان.... گنگا آهيان مان.

مان: تڏهن ته سمنڊ سان گڏ پوڄا ڪئي ته پرنام.

گنگا: جل....

مون واس وقت پڪ ٿي هيو. چانديءَ جي لوٽيءَ مان مک مان جل اوتجي رهيو هو ۽ سجل اکين مان امرت اوتجي ويو منهنجي اکين ۾...

گنگا: اوهه....

لوٽيءَ مان جل خلاص ٿي چڪو هو، مگر امرت!... هوءَ هلي وئي. من منهنجو ڇڻن پريءَ طرح ڪوهي ويو.

ٽن ڏينهن کانپوءِ شونگ پوري ڪري هڪ هار جو احساس ڪٺي لوڪن کان سامان پڌائي رهيو هوس جو هوءَ ٿالهيءَ ۾ ٿورا گيرپا ڪٺي اندر هلي آئي.

گنگا: پرساد وٺو. سالير ۾ اچڻ کانپوءِ ڪيترا ڌرمي پستڪ پڙهندي رهي آهيان... مگر ڪٿي به مون جهڙيءَ ناريءَ جو سنمان روا نهرايل ناهي.

مان: هون!

گنگا: هڪڙي پيرو گلن جي پيڻا پاٿي.... عجيب

ٻڌُر ۾ ٻڏجي ويو آهي من!

مون ڪانئس پوڄا جي ٿالهي ورتي اکين سان ڇهائي ڪيس پلنگ تي وهڻ لاءِ چيو. سورج مکي ڪڙهل ٿي رهيا.

هـــوءَ پنهنجي لئي ويهي رهي. همت جوڙي چيائين: ٻڪشڻي، ٻڌ جي کوج ۾ رهي ٿي. توهانکي ٻڌ جو پارت ڪندي ڏٺم ۽ من چيو هيءَ ٿي آهي منهنجن سوالن کي سمجهڻ وارو مهان ديوتا...

چيم: کهڙا سوال آهن ديوي!.... ليڪن ٻـــڌ جو پارت ڪرڻ هڪڙي ڳالهه آهي خود ٻڌ ٿيڻ ٻي ڳالهه آهي. فقط ايتري ڳالهه آهي ته هي من ٻــڌ جي من جيان بيچين آهي ۽ نرٻاڻ جي تــلاش ۾ سرگردان رهي ٿو....

گنگا: مان به ٿي مڃان.

مان: آڌار؟

گنگا: توهانکي ڪنهن سان من پلٽيندي ٻڌي ورتو اٿم. توهين چئي رهيا هئا ته ڪلا جي اکنڊ تپسيا کان پوءِ جاڻ جا حاصل ڪئي اٿم سا پراڻي مائر کي ڏيڻ ٿو چاهيان...

مان: پيو ته ڪجهه ٻڌو هو ديوي؟

گنگا: ٻڌو هوم... اگر گنگا جهڙي ناري پردي لئي ڪم ڪري تـــه ڪل انساني ڪدورت جون ڪڙيون ٽوڙي، سک سان پري ڇڏي سنسار کي....

ماں: مگر توهانجا سوال؟

گنگا: مون تمام گهڻا پستڪ پڙهيا آهن پوءِ به— پنهنجي من ۾ اٿندڙ جي وڪاس لاءِ ئي چنتي پريشان ڪري رهي آهي.... چئو...

"گنگا" اوچتو پري کان ڪنهن سڏ ڪيو ۽ ڊنل اکين ۾ تڪڙن قدمن سان گنگا هلي وئي. چگو ٿي ٿيو نه ته سندس سوال جو جواب ڀلا مونکي آيو ٿي چا؟ يا پٽي ڪنهنکي به ڪڏهن آيو آهي اهڙي سوال جو جواب!

گهرو من ۾ اکين ۾ ديويءَ جي مورتي ڪٽي سڄيءَ لانڪ منڊليءَ سوڌو ماڳ. پهچي وڃڻ ۾ دير ڪانه لڳي. سوچڻ: هڪ پاڻ جهڙو آڪاسي پکيڙو- ترپتيءَ لاءِ وياڪل جيئو گڏيو هوم ۽ بس هڪ خواب بڻجي رهجي ويو.

اچانڪ ئي هڪ ڏينهن سپنو ساڪار ٿي آئيو. هوءَ بيٺي هئي.... سڄيؤ... ڪومل... تپسوي ۽ آنند مئي. ڪتي ڪهڙن سازن ۾ سنگيت جون ڌاون لرزي آئيون ماں نٿو ڄاڻان. صرف ايتري ٿي سمڪ رهي ته— هوءَ منهنجن پيرن وٽ ويهي، رج ڪٽي، پنهنجي مستڪ ٿي لڳائي رهي هئي. ڪاريءَ ڪناريءَ واري سوني ساڙهيءَ جو پلئه ڪجهه مٿيرو چڪي چيائين: سماج ۽ ڌرم جا بندن، پاڻ لاءِ ٽوڙڻ مشڪل هئا... مگر ماں توهان جي تپسيا مان حاصل ٿيل گيان کي پراڻي مالر لائين

ڀڄائڻ ۽ هٿ وڍائڻ لاءِ سڀ ٻنڌڻ ٽوڙي آئي آهيان.

ماں: مگر....

گنگا: پٺيان سڀ دروازا بند آهن اڳيان اگر ڪاغذ جي ديوار ۽ منزل ڏي ڀڄڻ ۾ روڪ وجهي ته سر ٽڪرائي پاڻ کي ختم ڪرڻو پوندو.

* * *

هڪڙي ئي ڇڻ من کي ائين ئي ڇڻ من سان ملي ترپتيءَ جو احساس ٿيو. گنگا مهنجين فلمن ۾ آئي. سنسار سندس ڪلا مان جيڪو سک پاتو ان لاءِ ڪيس هر گهٽيءَ جي موڙ تي چٽي بيهارايو ويو. هڪ ننڍي شهر جي رهواسڻ گنگا، دنيا جي الاهي انسانن جي دلين جي ڌڙڪن بڻجي پيئي. گنگا کي ترپتيءَ جو احساس ٿيو؟ مون سندس ڦول جهڙي ڪومل سرير کي پوڄا؟ پيار جو مرڪز بڻائي ترپتيءَ جو احساس نه پاتو، ائين چوڻ ۾ ڪوڙ ٿيندو.

هڪ رات مون پڇيو: گنگا! هتي اچي توکي ڪڏهن پنهنجي ڪيئي لي پڇتاءُ نه ٿيو آهي؟

گنگا: ڪهڙو سوال ٿا پڇو سوامي؟ ندي جڏهن ساگر ۾ ملي وشال ٿي وڃي ٿي تڏهن ڇا هوءَ پڇتائيندي هوندي؟

ماں .... اوهه ... مگر نديءَ جي پنهنجي هستي اُن ۾ سمائا ٿيو وڃي...

گنگا: ليڪن ڪٿي ۾؟ ڪٿي ڪنهن نالي ۾ لهي پر سمنڊ ساگر ۾... جيڪو سورج جي اڳيان ۾ ٻاڦ ٿي بادل بڻجي پراڻي ماٿر تي برسي سگهي، پيو وسائي سنسار متان.

مان: تون آهين تون ديوي! تنهنجو اهو وشواس تنهنجي تپسيا، هر جڙ جيءَ کي روشن بڻائي پرڪاش ڦهلائي رهي آهي منهنجي من اندر!

گنگا: ۽ مان... مان ته سمجهان پيئي مان خود ئي هڪ جلوو ٿي پيئي آهيان جنهن کي نسل سان هر پراڻيءَ کي آتمڪ آنند جو احساس ٿي رهيو آهي.

مان: اهڙو سک اهڙو آنند آنند....

مگر هڪ ڏينهن سڀڪجهه ڪيئن بدلجي ويو....

ٿي سياري جي هڪ رات....

گنگا منهنجي هڪ فلم ۾ اپسرا جو پارٽ ڪري رهي هئي. شاٽس ونڊ چالو هئا. سدا آنند جوان سهڻو نازڪ، پرڪشش جسم واري گنگا اپسرا جي پاڪن ۾ ڪٽي ڳلن جي سونهن ٿي رکي رهيو هو. هڪ ڪن لاءِ سندس مک گلابي چمڪ تي آسرو پاتو... يا شايد منهنجي نظر جو ڀرم هو... مگر هي ڇا ٿي ويو منهنجي اندر ۾! هيءَ اڳ ڪٿان جڙڪي پيئي!!...سر پير سارو پگهر سان شل ٿي ويو ۽ پيرن هيٺان جڻ ڌرتي اڏري لڳي...! هڪ ڀڃاڙ سان چالو ٿي ويو من اندر....

....بند ڪريو بند ڪريو، هيءَ شونڱ....سارو وايو منڊل
منهنجي رڳن سان گوڙجي آئيو. مان سهڪي رهيو هوس.
ڇاتيءَ ۾ سور جي هڪ سٽ آئي!...ڊاڪٽر...
گنگا سڀڪجهه ڇڏي مون وٽ هلي آئي، مونکي سهارو
ڏيئي موٽر ۾ رکي گهر کڻائي آئي....

گنگا: ڇا ٿيو....

مان: ڪجهه به نه.

ڀلا هي مهاڀارت ڪوئي ڪيئن ڪنهن کي ٻڌائي
سگهي...

ساري رات گنگا منهنجي مٿان وٽ ويٺي پٽيون
بدلائي رهي هئي. سندس ويٺيءَ مان آڱرين مان سڳنڌ
مونکي ٽر ڪري ڇڏيو. سندس سر مان اڪرندڙ شعاع
منهنجي ساري تن بدن ۾ پرڪاش ڦهلائي رهيو هو.
سندس گلابي چپ منهنجي اکين تي هئا...

گنگا: سوامي! ڇا ٿي ويو توهان کي.

مون ڪيس ٻانهن ۾ پڪڙي پنهنجي ڇاتيءَ تي ليٽائي
ڇيو: تون منهنجي آهين ٽرپتي! فقط منهنجي.

گنگا: هائو ساري سموري اولري تي توهانجي جيترو
توهين منهنجا آهيو سوامي!

پياسي من ٻولڊ پئي ٽرپت ٿي ويو. من - پکي اڏڻ
لڳو. ٻڌڻ جي لوپت هئي.

مگر هي آڪاسي سڏ...

گنگا: توهان مونکي ٽرپتي ڪوٺيو..

مان: هائو گنگا لون آهين منهنجي ٽرپتي، انمت آنند.
گنگا: نه سوامي!
مان: اف ... هي ڪهڙو مهارٿي منهنجي رت ڪـي
جنگ ۾ گهلي آيو ٿي پيئو آهي!
گنگا: سوامي، ٽرپتي منزل ناهي؟
مون چيو: تڏهن مان ڇو بي چئن ٿي ويو آهيان.
گنگا جون اکيون هيون نه ليڪسوي چندرما!
هن چيو: ٽرپتي نه پور وڇوٽ هلندڙ راهه جي پڄڻ
جيان ساڳ آهي، پر انهن جو ملڻ آهي پرم!
مان: سچ چاهي تڏهن گنگا؟
گنگا: سچ آهي تلاش - کوج ... ڳولا. اها ڳولا جـا
انمت آهي، ڪٿي پوري ٿئي ٿئي ...

هوءَ چندرما جي پرڪاش جهڙي نظر مون ڏي اڇلي
منهنجي ڪمري کان ٻاهر هلي وئي. مون هن پرڪاش
کي ناري ڪوٺي پاڻ کي ڇا ڪجهه سمجهيو هو؟

ليڪن ساري رات هڪ عجيب جنگ هن من اندر
جاري رهي ...

صبح جي روشنيءَ ۾ لشڪر جو هار ڪانئي ڪريو آهي،
سو آهي اپسارڪا کي ٽرپتي سڏڻ جو شوق! اُن کـي
ملڪيت سمجهڻ جي ڀل!!

اپسارڪا ٽرپتي ناهي. ملڪيت نه ناهي. هوءَ اُچامت
انمت هستي آهي جنهن وٽ هڪ من آهي - من جو اپي چئن آهي -
۽ آهي ٽرپتي جي تلاش ۾!

شيلا ننڍي سنهري پنهنجي ڊرائنگ روم جو جائزو وٺي رهي هئي. ٻه سيٽيون گڏي هڪ ٻئي ٻڌل ٻيڊ جي چادر وڇائي وئي هئي. شو ڪيس مٿان ڊگهي گلدستي ۾ رجني گنڌا جي گلن کي سنواري، شيلا ڪئلينڊر جي تاريخ بدلائي ته در جي گهنٽي وڳي. هن در کوليو ته مٿري دادي ساڙهيءَ کي مٺي ڪٽندي ڏوڪيندي اچي سيٽين مٿان ٻاڪ پڪيڙي ويٺي، ”مو گهڙس ڏکو ڪائي آيس، ڏس ته گوڏي ٽي ڪيڏيون

## چنري

رهڙيون پيئون آهن.“

”دادي اڄ مسز ميرپوريءَ جي موٽر ۾ ڪين آيا ڇا؟“

داديءَ همٿ سان جڳا ڪنهڪي پري ڪندي چيو ”باهه ڏيس ميرپوري کي ۽ سندس موٽر کي. چڱ انهيءَ روڊ جي ڳالهه، ڏهه در پيندي، هنڪي ڪٽيندي، هنڪي هنڪي ڪٽيندي لڏهن مس هتي اپندي...“

شيلا چيو، ”دادي ٻڌو، مان ٽڪر ڪٽي ٿي اچي لڳايا ٿو....“

ڏاڏيءَ کي جڻ وڇونءَ ڏنگيو. چيائين، ”ننڍڙو ٻچڙو منجهان مان ڪالهه جاڳان، سيمنٽ ذري ڪٿي اچ ٻــا ڪولڊ ڪريم ته ڪٿي لڳائيندم.“

شيلا ور مان چالديءَ جو ڪمبن جو چڪر ڪيڏي ٻئي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي. ڏاڏيءَ چيو ”سڀ شيءِ رکڻ ٽالي اندر. پلا توڪرن سان ڪٿي گهر ٻرلو اٿيئي...“

شيلا سيمنٽ جو ڦوهارو اچي ڏاڏيءَ جي رکڻ تي هڻيو. پهرين ته ڏاڏيءَ ”آئي آئي“ ڪئي پر پوءِ چيائين ”واهه، ڦت ٿي ٺري پيم.“ شيشي وٺي سنگهي چيائين ”شيلو شيءِ سٺي ڪيڏي آئينءَ...“ شيلا چيو، ”ڏاڏي، توهان جي ڪم آئي ته مونکي وڏي سٺي لڳي.“

ڏاڏيءَ پيار سان شيلا جي مٿي تي ڏک هٿي چيو، ”منهنجي الهي مسڪي ته موهيو اٿم ته. باقي مان ڪو هٿي رالد لاءِ يا ڪنهن لاءِ ٽوروتي جيڪر اچان. ٺهر ڏيئر ڦڻ رسن ولائتين م، سو توکي ڏسي پيو الدر ٺرام. ڀڳوان اچا شل وڏ ڪندءِ.“ هن لانيٽر ۽ پيڙي ڪيئي.

شيلا چيو ”ڏاڏي توهان جهڙيون اڃون شيون مون وٽ ڪٿي آهن، آخر اسين ته آهيون ديسي توهين آهيو ولائتي ماڻهو. ڏسو نه توهان جي هر هڪ چيز ساڙهيءَ کان وٺندي چمپل ٽائين چا ته ٺاپ لڳي پيئي آهي. لانيٽر ٻه چا ته اي-ون ڪيئو اٿو. باقي سگريٽ

ٻڌران ٻيڙي ڇوٽا ڇڪيو اهـا ڳالهه مولڪي سمجهه ۾
ڪانه ٿي اچي."

دادي‌ءَ کلي چيو، "اڙي منهنجي ديسي ڀوري!
توکي ڇا ٻڌايان. هن ديسي ٻيڙي‌ءَ جهڙو مزو آمريڪا
جي سگريٽ ۾ به ڪونه ملندو."

شيلا چيو، "ڪڏهن مڪو اڻو اهو لائيٽر."

"ڏيرومت مڪو اٿم،" دادي جڻ الهيءَ جواب لاءِ
اڳيئي تيار ويٺي هئي. "ڏيرون مٿن کي سوجهون ڪرائي
ڪرائي وڏو ڪيم سي ابتڙو ۽ ڪين گهرندا مولڪي!"

شيلا تورو ڪجهانڻ لاءِ چيو، "دادي ته ۽ پسنت، پت
آهن، انهن ۾؟"

"اُني انهن ۾ چنبي شيلا،" دادي ڪڏهن خواب کي
اکين ۾ آڻي چيو، "سينگاپور ۾ ڏيرومت مولکي گهرايو
۽ چار مهنا رهيس. ٻر جي سک ڏنائين" روز رات جو
وسڪيءَ جو گلاس ٻري ڏيندو هوم. سندس جوءِ ٻيءَ
ڏاڍي ٻيهان ڪئي منهنجي، اصل ٻير ٻت لئي
ڪانه رکڻ ڏيندي هئم، مون ۾ ٻاڻ هلائيندي هئي."

شيلا کلي چيو، "ڇمڇيءَ کي خبر هئي ته لوهين ۽
ته ڪندس سڀيءَ سينگاپور ۾ خوار."

دادي‌ءَ ڏاڍي صداقت سان چيو، "لس لس شيلا!
ويچاري هڏ گهري هئي، جهڙي ٽون. مان ته ٻرابر واسـ
قانونو دهل آهيان. آلان ڪانه ٿي. ٻر چگي مٿي جي

سچاپ سڄي اٿم."

شيلا واڇ ڏسي چيو، "اڇا ته هن جو ٻئو ڪولهي، ڪيڏي مهل اينديون، ڪيڏي مهل راند شروع ڪنديون!"

دادي آهستي آهستي ڪري اُٿي بيٺي، ٽنگ سڌيون ڪري ڪنڊ ۾ رکيل آرام ڪرسيءَ تائين پنڌ ڪري ڏنائين. آرام ڪرسيءَ تي ويهي لائيٽر سان ٻيڙي دکائي ڇڪڻ لڳي. لائيٽر اڃا ٻرندو ئي هئي جو سامهون ڏٺائين رلدا در جا ٻئي ڦاٽڪ کولي اڪڙي اچي پڇڻ لڳي،

"دادي! ڇٽري آئي؟"

داديءَ لائيٽر وسائي چيو، "ڦه... ڇٽري هاڻي ايندي هتي؟"

رلدا وڃي ڪوچ تي ويٺل شيلا اڳيان ڦان تي ويٺي. ڏاڍي انتظاريءَ سان چيائين، "ڀلا اوهان تي پڌاءِ ڇا ٿيو ڇتريءَ جو؟ مان سوير گهٽ ڪري مڙس سان ڀولي نه هلي ويس، پر چار تي ڏسهن موڪلي ٻئسن جي چندنا لعل تي ڪام ڪرڻ ڏني."

شيلا پرسن مک سان ذرا مرڪي رلدا طرف ڏسڻ لڳي. رلدا جي ڳچيءَ ۾ لڙڪندڙ هار جا هيرا ٻئي چمڪيا. ذائي هٿ ۾ هٿڪ تي اگر ۾ ٽي هيرن جون منڊيون ڪٽي پاتيون هئائين. ساڙهي به اي-ون هئس. ساڄيءَ ٻانهن ۾ نوان چمڪندڙ سنهرا سونا چوڙا ٻئي هيٺ مٿي ٿيس. رلدا بي صبريءَ سان چيو، "موڪلي ڇا ويٺي

ڏسين. ڪا ٽين نہ ڪالہ آهيان."

شيلا اڃا بہ سنڌس چمڪندڙ منهن، روُج ۽ لپسٽڪ جي فيمسٽائي کي ڏسي رهي هئي...

جواب ڏنو داديءَ، چي: پٽسن جي چهرا مرڪائي لوکي اڄي لڳي. پارٽيءَ ۾ ڏنہ نہ سهڻن چهريءَ ڪنهن کي نہ ڇڏيو هو. هڪ هڪ کان هزار بہ وڌي ٿي ويٺي آهي.

رلدا اُٿي اچي داديءَ جي اڳيان هيٺ غلم لـي ويهي رهي. همت مهٽيندي چيائين، ”پـر دادي پٽسا منهنجي گهوٽ مونکي رکـڻ لاءِ ڏنـا هئا. چيو هئائين پٽڪ ۾ بہ لـــ وجهج، ڪيڏي مهل بہ مونکي اوچتو کپندا. دادي توهانکي نہ خبر آهي منهنجو گهوٽ غصي جو ڪهڙو تيز آهي...."

شيلا ڪوچ تي ويٺي ٿي جواب ڏنو، ”رلدا تـو بـہ ڏيکاري ڦلڪ. پلا ايڏا پٽسا ڪيڏي ڇـو ڏنئس." رلدا اماڻيون اکيون کڻي چيو، ”چتريءَ چيو ماءُ کي اسپتال مان گهر وٺي اچڻو آهي. سياڻي پٽڪ کلنديءَ توکي پٽسا واپس ڪري ويندس."

شيلا چيو، ”اهو گهو نہ سڄي کي هڪيو اٿس. تنهن ڏينهن ڪالہ پـنڌ تہ ماڻس کي مسز ميربوريءَ ڏنـــو مارڪيٽ ۾ ويٺي فـــروٽ جو ٽوڪرو پٽاپائين. چي: آلتن کي ورليءَ ۾ ڪاراني ٿي اچان."

"ٺهيو ملڪ!" داديءَ پنهنجي نراڙيءَ تي ڌڪ هڻيو، "سڄڻ جي سار ڪو لهي ڪا نه، ملڪ سڄو ٿي پيو آهي غريب آباد. هاڻي چٽريءَ جي ماءُ کي الڏن جي جي اون لڳي آهي."

رتنا به ساڳئي نموني نراڙيءَ تي ڌڪ هڻي چيو، "پر دادي ماڻ ته ٽپجي ويس نه."

داديءَ پيڙيءَ مان ڦوڪ ڀري چيو، "چٽري ٿي وڃي رفوچڪر... ڪو هڪ ٻه هزار ٿورو ئي ڦريا اٿس، پورا ويهه هزار ڪٽي ڀڳي آهي. مونکي نه امير ٿي ڪانهي ته ٻه هزار کي موٽي ملندم."

رتنا ٽڙقي چيو، "نه دادي ائين نه چئو. مان ته ايترو نقصان سهي ڪانه سگهنديس. پهرين ڏانهوم ٿوهين سڀ جو ڳڍجي سندس گهر وڃون نه ڇا ڇيانئين؟"

داديءَ فڪر سان پيڙي اڇش ٿري ۾ وساڻي چيو، "هون! پهرين چٽري گهر ۾ ملي به نه؟"

رتنا داديءَ جي ٻانهن پڪڙي چيو، "نه شهر ۾ ئي ڇڏي وئي آهي؟"

شيلا چيو، "نه نه ڇا ڪندي. هتي رهي جيل ۾ ويندي؟"

هي ٻڌي ته رتنا جي منهن جو رنگ ئي لهي ويو. ٿي همت ڪٽي چيائين، "منهنجي ته ڪا پت پوندس. الا! ڪپڙا نه کڻڻا پائيندي هئي! نه نڪون وڃو،

مٺڙڙا زيور، مٺڙڙا ٻوٽ، مٺڙڙا رومال! مان نه
سمجهندي هئس ته ڪا لڪايتي آهي."

ڏاڏيءَ ٻاڻ کي لوڏو ڏيندي چيو، "بس بابا هڙ
سڪڻي لوڏ کڻي. هاڻي سبق سکي ڇڏ. جن کي اهڙا
ٻاهريان آيام کڻي ڏسين، انهن لاءِ سمجهي وڃ ته هڙ
۾ هرڙون کوڏ ۾ تماشا اٿن."

"پر ڏاڏي هاڻي ڇا ٿيندو؟" رتنا هاڻي رئڻ هارڪي
اچي ٿي هئي. "منهنجو گهوٽ ته هاڻي موڪلي هئي
ڪٿي ٻارني ۽ الله لاءِ ڪڏهن موڪل ٿي ڪونه
ڏيندو." ڏاڏيءَ چيو، "سو ڇا ٿيو؟ ڪهڙو اپ ڪري
پوندو؟ ٻاڻ گهر ۾ ويهي ٻارن جي سنڀال ڪندين."

"۽ نوڪر ۽ آيا کي لولي ڏيڻي نند ڪرائيندس ڇا؟
مٺا ٿوڪٽ جو پگهار ٿا ڪانين!" رتنا تيز ٿي وئي.
پر ڏاڏي ڇڏڻ واري ڪانه هئس. چيائين، "اهو سون ٿي
گهوڙيو جو ڪن ڇني. ڪڏي ٿڻا ڪر نوڪريانون."

ڪڇ ٿي ويٺل شيلا کان چرڪ نڪري ويو. چيائين،
"ڏاڏي! توهين رتنا کي هيءَ صلاح ڪهڙي ٿا ڏيو.
نوڪر ڪيئن ڪڏي ڇڏيا..."

ڏاڏيءَ جي شيلا جي لماڻي سهڻي منهن طرف نظر
وڌي ته لوڏ کڻجي ويس، پر ڏاڍي مٺي آواز سان
چيائين "شيلو ڇوانءِ سچ، مرچ نه لڳندي. تون به ٿي
ٿي نوڪر رکيو ويٺي آهين، سو چڱو ڪونه ڪيو اٿئي."

”دادي! ڇنو ڇاڻا. ڀاڄائي گڏاري وٺي آڇا نـي ٻــار مون وٽ پلجن. ٻنهنجو جنڪي اچا ڪيڏو اٿم. مٿان آٻـو ويو مهمان مرو ڙ مون وٽ آهي نـي آهي. هندڪي ٻه آهي بيماري ڙ آنجو ٻه سڃو ڏٻهن رڌو ڪاڌو سوُپ گوشت سڀ الڳ ٿئي. مان ڪيٽن اٻـڏي ڪم کي ٻهڄي سگهنديس.“

داديءَ آرام ڪرسيءَ تان اُٿـڻ جي ڪوشش ڪئي پر نہ اٿي سگهي، اَليٽي ويٺي، شيلا کي اشاري ۾ ٻاڻ ڏي سڏي، چيائين، ”ڏيءَ تون آهين مٺهن ڪوُٺري سو ويٺي ڳتا ٻڌائين. نہ نہ پاڄائن جا ٻار وڃي لنهنجي ماءُ سنڀالي يا پاڄائن جي مـاءُ سنڀالي. لنهنجو گهوٽ اَگهو، تون ڇو ايڏا ٻـوڄ کڻي؟ مٿان مونِ جوڙرچ ٻـ مڙس جي سر تي وڌو اٿيئي. تڪ پڌ لي دڪان، رکي اٿيئي مونِ!“

رلنا ليزيءَ سان ٻنهنجي ٻٽولٽين کي ڙاڄير سان آڱر ۾ ڦيرائيندي چيو، ”دادي نہ الاجي ڇوي ڇـا ٻيٽي. مائهو رمي ٻمي ا ڪري، ڙرو ڙڪاءُ نہ هٽي، کل چرچو نہ ڪري نہ ٽائيم ڪيٽن پاس ٿئي؟“

”ٽائيم پاس ڪرڻ جي سڪي چٽري ٻـ لـ هٽي ٽائيم پاس ڪرڻ ايندي هٽي اـ، هٽي ٻين جا ٻارهن تي وڄائي ويٺي ڙ؟“

رلنا هـاٺي وري لبزاري ڪئي، ”دادي! مـونکي

ٻڌايو ته ڇتريءَ جي مُٺس کي ڳنڍيل آهي، ڪو آسرو ڏنو.“

”ڇري ته هُجي.“ دادي شيلا طرف هامي لاءِ ڏسڻ لڳي. ”سمجهه ڪٿي آهي پئسا رکيم ۽ هارائي. هاڻي ڇُريءَ ڇڳي گئي ڪيمس. ڇتريءَ جو مُٺس خود ويتو رونئي، سو لوڪي ڇا حاصل ٿيندو. هاڻي اچي ٻڙ ٺاهي وهو ته ٿئون پنهنجو ٿي ڏيکاريائو جو ڏيهوت مڪو اٿم وانت ڪان. اڇها مسز ميريو ري ۾ ممت اڏ ۾ ٻهڪي ويندي. گهٽ ۾ گهٽ انهن جٽين کي پاڻ سان وٺي ايندو. ٿئين موٽر جو رعب جو ڏيکارڻو اٿس...“ چوندي چوندي داديءَ ٻڌهجي وڏي شاهي ٻولئين مان پنهنجو ڪيپو ته شيلا وٽي ڏسڻ لڳي ۽ کلندي کلندي ٿئون پنهنجو رلدا اڳيان وڌائي چيائين ”هي ولانتي ڇورن جا لمگا پوز ته ڏس پنهنجي مٿان...“

داديءَ پنهنجو وٺندي چيو، ”لوڪي رڳو ڇوريون رلون ڏسڻ ۾ آيون ۽ آهر ڪي ڏٺه. مٿا ڪيٽن پيتا آهن.“

شيلا جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. پنهنجو وٺي چيائين، ”پر دادي! پنهنجو آهي واهه جو، هت ۾ ٽرڪي ائين ٿو جهڙو رلشم.“

در تي ڪڙڪو ٿيو ته شيلا چيو، ”اجهي اچي ويٺون سيٺئي.“

مگر در ڪولڻ تي ڏٺائون ڇتريءَ جو پٽيو بيٺو آهي.

ٽيئي ڄڻيون عجب مان هڪٻئي کي ڏسڻ لڳيون. پڪيو جتي ٻاهر لاهي اچي پٽ تي ويهي، مٿو ٻڌي چوڻ لڳو ته ڇتري ٻائيءَ چوٿين ماڙيءَ تان ٽپو ڏيئي آپگهات ڪري ڇڏيو آهي، ۽ پوليس اچي لاش کڻي وئي آهي...

رڌا "هان" ڪري چاليءَ لاءِ همت رکي صوفا تي ڪري پيئي. شيلا ته سن ٿي اچي وئي. ڦاٽل اکين سان هڪٻئي طرف ڏسندي رهي.

دادي چيو، "چوٿين ماڙيءَ تان ٽپو ڏنائين!... بس سا ته شيءِ وئي هوندي خلاص ٿي..."

"هان امان! خلاص خلاص." پڪيو ٻڌي هٿن سان مٿو پٽڻ لڳو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڏاڍو جهجهڪندي ٻڌايائين ته ٽپو ڏيڻ کان اڳ ڇتريءَ ۽ گهوٽس جي وچ ۾ ڏاڍو جهڳڙو لڳو هو. مڙس چيس مان ٽوڪي ويه هزار ڪوڙا پوري ڏيندس جن کان قرض وٺي الدر جو ٽاٺون ڪيون انهيءَ اهي ٻلي لوڪي جيل ۾ وجهائين. هن به رڳو مڙس کي دٻ ڏيڻ لاءِ ٻالڪنيءَ تي چڙهي چيو ته مان هيٺان ٽپو ڏيئي آپگهات ڪنديس، ليڪن پيرُ ٿڙڪي ويس ته بس وڃي ٿي ويو...

ٻئي اڃا ڳالهائي ٿي ويٺيون ته مسز مهربوري به هار سينگار ڪيو، ڇمڪ ڇڻين سان گڏ عطر جي خوشبوءِ ڦهلائيندي اچي پهتي.

چتريءَ جي ٽپي ڏيڻ جو ٻڌي سيٺي جا طاق لڳي
ويا.

ڪيترو وقت چتريءَ جي ٽيڪا ٽپڻي ٿيندي رهي. پنڊيو سيٺي کي هٿ جوڙي نمسڪار ڪري هليو ويو. داديءَ جانو ٻري چيو، ”چتري آپگهات ڪرڻ واري زال ته ڪانه هئي.“

رلدا امڙ لي ڏک هڻي چيو، ”مولڪي ته جيٺري ٿي ماري وڌي.“ سندس اکين ۾ پاڻي ڀڃي ٽريو.

مسز ميرپوري ٻين کي وڃڻ جو اشارو ڪري پاڻ به پنهنجو ڏيو جيڏو سرير کڻي سيٺيءَ لي چڙهي ويئي. ٽڪي ڳاڙهي لپسٽڪ وارا چپ کوليائين ته، سيٺي جو ڌيان وڃي منجهس پيو. ڏاڍي ڌيرج سان چوڻ لڳي، ”وچاري چتريءَ چترائي به ڏاڍي ڪئي، پر قبيس ڪانه. ڦريون به سڀ شاهوڪار، شاهوڪا رزالون آئس. آهي: ته رلدا به گهٽ ڪانه پر مڙس غصي وارو اٿس، ڏڌهن ٿي وجهلي. ته ته هزار به ڪدهن لاءِ کهڙي وڏي ڳالهه آهي. سمجهو رميءَ ۾ هارايو سين.“

مسز ميرپوريءَ سان گڏ آيل نندائي پنهنجي زنجير کي آڱر تي ويڙهيندي چيو، ”اسان ڪڏهن جو اندر ٿوروئي کولي ڏنو آهي. ڏسڻ ۾ ڪڻي ڪير ڪيترو به شاهوڪار هجي ته به پاڻي به اجائي ڇو وڃي. هن ته ويهه هزار ڦريا....“

مسز ميرپوريءَ سان آيل ٻي ساهيڙيءَ چيو، ”هينئر هتي ايندي ايندي ڪنهن ٻڌايو ته اٺهن ٻيٽن مان چڱا هزار ته سندس لاتيءَ، جوءِ کي ڪيڏي! ڇڏڻ تي ڏمڪي ڏيئي ڦريا هئا.“

اهو ٻڌي وڌيڪ ٽيڪا ٽپڻيءَ کان ڇڻ ٻچو اچي ويو.

آخر داديءَ آئندي چيو، ”مئلن کي ته سڀ معاف آهي، شل جيئرن کي ڪا سمت اچي. هلو هلو هاڻي سڀ پنهنجي پنهنجي گهر. هڪڙو ڏينهن جو ونا ته ڪيو ته ڪو مري ڪوله وينديون.“

منهنجو خط ڏسي، مون سچ ڪوڙ جي کوج لاءِ خبر ناهي
ڪهڙا ڪهڙا رنگ ٻڌت رلي آيو. تو ”متر“ ڪري سڏيو
آهي مون کي. گلاب نه منهنجو متر ناهي پوءِ ڪهڙي
ڳالهه هئي جو اسان جي گڏجاڻيءَ وقت اچي پرگهٽ ٿيو؟ پاڻ
لاءِ ائين به سوچيان ٿو ته منهنجو پيار متر تا ڪان هڪ
ڏاڪو چڙهي به چڪو آهي. مڃان ٿو تون ور ور ڪري
مون ۾ دهرائيندين ته ”دوستي ئي رهڻ ڇا ڪافي ناهي“
مگر مان پڇان ٿو ته ڇا دوستن وچ ۾ پيار نه ٿيندو آهي؟

# ”پيار پيار پيڙا“

۽ ڇڏ منهنجو مون سان پيار ناهي. جي ناهي ته ڪهڙي
حق سان پنهنجي گهر ۾ زبردستيءَ ڪاڻ و ليڪا ٿيندي
ويندي آهين منهنجي ڳالهيءَ منجهه؟ يا ڪڏهن پڙا پرال
ليڪ لڳي، منهنجي اکين ۾ ڏسندي، پنهنجي ويدنا کي
منهنجي جيءَ اندر اُچليندي ويندي آهين؟ هر ڀيرين
ساڙهيءَ جو، منهنجين اکين جي ڇهاءَ سان مهورت ڪندي
آهين؟ ڀلا ڪهڙو حق آهي توکي پنهنجا الاهي فوٽا
مونکي ڏيڻ، رات ڏينهن مونکي انهن جي ڏسڻ لاءِ

مجبور ڪرڻ جو؟ ....

اڃا به ڪوڙي هٿ ۾ ويهي ڇڏج. نه لڪج، نه ڇنڊج
”توکي پيار ڪريان ٿي.“

ارجن

ارجن،

ايڏي انتظاريءَ کان پوءِ جو ملڻ، اهڙو لذيذ ۽ چڙ ڏياريندڙ ٿيندو، سو نه خواب خيال ۾ به ڪين هو. پر جيڪو ڪجهه ٿي گذريو ان لاءِ معافي گهرڻ لئي دل آهي.

تون ته ڄاڻين ٿو ته هن ماسات گلاب جي منهنجي مٿان گهڻي حجت آهي. مون مٿان ئي ڇو، سڄي گهر مٿان. هن جي احسانن ڪاڻ سواءِ گهر الاجي ڪٿي هجي ها ۽ هن گهر مونکي اهڙو ڏئي ڪيڏو نه احسان ڪيو آهي! اهو تون نٿو ڄاڻين....

مون ڪٿي ٿي ڄاتو ته گلاب منهنجو پيڇو ڪندو اچي. اسان جي مذر ملڻ ۾ رخنو وجهندو. عجيب انسان آهي. ڪهڙي حق سان مون تي آڙ ڪري آيو؟ ڪنهن استريءَ وٽ سهارو پاڻڻ معنيٰ مٿس حق جمائڻ، الاجي ڪهڙيءَ ڊڪشنريءَ ۾ پڙهيو اٿس ۽ سو به مون جهڙي استريءَ لئي، جا پنڌن کان هر طرح آجو رهڻ چاهيندي هجي!

پي هڪڙي ڪل جهڙي ڳالهه پڌايانءِ. جڏهن وقت

هن ڇوڪري چيو، "ميڊڪا سان ملڻ جو ڇوڪري کي ڪوئي حق ناهي"، في الوقت ته ڇنو شيشن تي لڳو، مگر رات جو جڏهن گهر آيو، تڏهن سندس شڪل ڏسڻ هئا، اصل موت ڪاڏل بابا جهڙي ڪارائيل ٿي لڳي. مون کي مٿس رحم اچي ويو. هن ويچاري ته مون لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو آهي. کيسي مان خط ڪڍي ڏنائين، جو هن سان گڏ موڪليان ٿي.

پنهنجي خط ۾ پڻ ذڪر ٿي جيڪي لکي ڏيڻ لاءِ ضد ڪيو اٿيئي، ان لاءِ هاڻ مڙئي ويو هوندين. ڇا سچ پچ زبان سان چوڻ کي ئي اهميت آهي؟

ميڊڪا

ميڊڪا،

تنهنجي خط سان گڏ گلاب جو گل به مليو. تنهنجو نوڪر جڏهن وقت خط کڻي آيو، تڏهن وقت اڪيلي مون کي روئڻ وڃي ڪاڻي، نيڪ لسو جيان ئي زاردستي پاڻ ليٽائيندي ٿي وڃي ۽ مرڪي اچي رهي هئي تنهنجي ياد، دل چاهي ٿي ڪاش، منهنجي موهه مٿي سدائين ساٿ هجي!

جاڻان ٿو، گلاب به ڪڏهن اهڙي نموني چاهت ظاهر ڪئي هوندي ۽ شايد... ليڪن هاڻ جڏهن تون منهنجي ٿي آهين، تڏهن مان ڪاڻ اڳين ڳالهه ياد ڪرڻ نه چاهيندس. هونءَ به مان ڇوڪر ڪي رڳو سيڪس سمجهندي

نه سمجهندو آهيان. ڇو ته، مون لاءِ دماغ جي سوجهي،
دل جي ڀرپلتا ۾ ئي سمايل آهي.

گلاب جو خط پڙهي معلوم ٿيو ته هن جي هلت سبب سندس پتني پنهنجي ساري هستي ئي ٻالجي چڪي آهي. ڇا ايترو به اڻ سمجهي سگهي ته جئن هو مونکي تنهنجي دل مان ڪوري ڪڍڻ ٿو چاهي، تئن سندس پتني به سندس دل منجهان توکي هڪالڻ ٿي چاهي. پيار اڪر هئي جي پيڙا کي محسوس ڪرڻ نه سگهاري ته اُن کي ڪوئي پيار سڏي ئي ڇو ٿو... خير.

تنهنجو مالهي جيڪي پيلا گل ڪٽي آيو، اُن کي ڏسي بسنت رت جي ڪيسري رنگ وارين ساڙهين پائل گوپين جي اچي يادگيري پيئي. هوليءَ جا به ته اهيئي ڏينهن آهن نه. اهيئي گل آهن نه.... اڄ شام جو اندهيري اسٽيشن تي تنهنجو انتظار ڪندس، هليا هلنداسين ورسووا جي ساگر ڪناري.

اُرجن

اُرجن،

هيءَ سڀ ڇا ٿي ويو؟ طوفان ڪانپوءِ جڏهن اڄ تائين ۾ ماضيءَ ۾ ئي ويٺي سوچيان ته انئن پيو لڳي، اندر جا هنيلي ٿاري ويٺي آهي سا وڏا وڏا ٻهڪ ڪري پيئي چوي، "جيڪو ڪجهه ڪاملا ؤس ٿي ٻالڪتان ضابطو وچاني ڪجي ٿو، اهو غلط آهي." مون نه ڄاڻي

اڃا ڀي سڀڪجهه ڪيو آهي توسان ملڪ تي .... تنهنجي
اندر جا ڀي اُلٽ پياس هئي، ان سان پنهنجي ٻساس
ملائي ڇڏڻ لي دل هئي ۽ جيڪو ڪجهه ٿي گذريو ان
لاءِ هن ناريءَ کي ذرو ٻه پڇتاءُ ڪونهي. ٻــر ٻي جي
سنسڪارن جي ڪيل ڪمزور، مگر سادي ۽ سماجڪ استري
آهي منهنجي اندر اها ٻڇي ٿي، ”جيڪو ڪجهه ٿـي
گذريو الله جيڪڏهن لوڪي ڪوئي ارمان ڪونهي تـه
دلي ٻڌاڻي ان ٻاپ کي ٻچ ڇٽي ايڏانهين ڇوڪين ٿي؟
ارجن جي شاديءَ جي آڳ کـي ٻڌڻ ڇـا لاءِ سنجهي
وٺي آهين؟“

مگر ڏاڍي اسرف آهي هيءَ من اندر وٺل گهمندي
ناري. ڪاش لوکي ڪڏهن ڪاليج ۾ هيڏي الساهه سان
ڳالهائيندو نه ڏسان ها ۽ ڪاش اسانجي موٽر خراب نـه
ٿئي ها، الهيءَ جهوءَ جي ڪناري، جو ان وقت توسان
گڏ ٽڪسيءَ ۾ موٽڻو پيو. گلاب هٿي منهنجي موٽر جي
مرمت ڪري رهيو هو ۽ تنهنجيون ڳالهيون تنهنجي اُساهه
ڀريل خيالن الاءِ ڪيئن منهنجي ڀگل ٽٽل من کي سچو
ڪري وڌو. مان ٽڪسيءَ ۾ تنهنجي ڏاڻي پاسي وٺل
هئس. الاڄي ڪيئن ان وقت اڄي شاديءَ جي هڪ رسم
ياد پيئي ته ڪنوار هميشه گهوٽ جي ڏاڻي پاسي ٿي
ويهندي آهي. ڳالهه نه ڪا جهڙي هئي، ٻر ان ڪلپنا
۾ مٺاس آهي، ان ڪان انڪار ڪري نٿي سگهان. مگر

رهڻ ڏي انهن خيالن کي. مون نه اُڏامندو ئي رهندو، اُڏڻ ڪلپنائن جي وادين ۾. ساڪار جي دنيا ۾ پـلا انهن ڳالهين کي جڳهه ني ڪٿي آهي. تنهنجون ۽ منهنجون راهون الڳ ورسووا جي ڪناري، الڳ مهاڻن جي سمسان جهوپڙيءَ ڪالسواءِ ڪٿي به نه ملي سگهيون آهن. اجايو اهميت واري ”ڪر نه ڪر“ جي مونجهاري ۾ مون ڪجهه وقت پريشان ٿي ويو. ليڪن شادي نه آهي واسنا جو بندڻ، منجهس پريم نه آهي ٿي ڪين. جي ائين نه هجي ها نه مان پلا پنهنجو گهر ڇو ڇڏي اچان ها؟

مان نه چاهيان ٿي بس ساڳي ٿي وڃي ساري جهان کي ڏسان.... تون روز اچين، مونکي هن جهان جون رنگين ڪهاڻيون ٻڌائيندو رهين! بس ٻڌندو رهين هڪ عجيب رنگيني منهنجي هن سڄي جيون ۾. هڪ پيار جو اُپار ساگر هجي، جنهن ۾ سوڪيم پيار جون ڪروڙين لهرون هجن ۽ ساري ڇڏين رڱي ۾ هڪ ئي الست پڙا!

پيار ۽ پيڙا جي مورتي
ميناڪا

پرنام شريمتي ميناڪا،

ڪيترن سهڻن لفظن ۾ جواب ڏنو اٿيئي منهنجي اچ جو! مگر سهڻا ٿورا بڻن ۾ گهڻا! تو هڪ ڏينهن پنهنجي

گهر ۾ ڪم ڪندڙ مائي سمتي جي آکاڻي ٻڌائي هئي.
ته ڇهه هو، هوءَ ننڍي هوندي پنهنجي ماروٽ کي ڏاڍو
پيار ڪندي هئي. اچانڪ ئي هو کيس دغا ڏيئي ويو
۽ ڳوٺ مان ٻيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪري آيو. سمتيءَ
کيس من مان ئي ڪڍي ڇڏيو. جنهن گهر ۾ شادي ڪري
آئي، ان گهر ۾ به سندس اڳيون پريتم آڳ لڳائڻ لاءِ
آيو، پر سمتيءَ سورهيائيءَ سان اتي در جو رستو ڏيکاريس
۽ پتيءَ جي گوڏن تي مٿو رکي روئي کيس سارو قصو
ٻڌائي ڇڏيائين.

ميرڪا، ٻڌاءِ، ڇا هي پنهنجي اندر ڪائي اهڙي ٻرال
من واري ناري؟

جيڪو ڪجهه جذبات جي طوفان ۾ ٿي گذريو، ان
لاءِ لوڪ ڏکه ڪرڻ جي ضرورت به ناهي. سرشٽيءَ جي
نيمن کي جبروتي زور سان لوڪ روڪي ويٺي هئينءَ،
اوتروئي زور سان هو پنهنجين ڪوڙن هٿرادو پٽين
کي ٽوڙي ڦوڙي ڊاهي وڌيا. اهو سڀ سڀاويڪ ئي هو
۽ ان حقيقت کي جهان نالو ڏنو آهي شادي، ليڪن تو
ان کي سڏيو آهي واسنا جو ٻنڌن.

جن ڳالهين پنهنجي جيون ۾ رنگيني آندي، اهي
ته سڀ انهن انسانن جي پيار، پيڙا ۽ حالتن سان ٽڪر
کائڻ جون ڳالهيون هيون. جڏهن پنهنجي جيون ۾ اهي
اچڻ ٿيون چاهين، تڏهن تون انهن کي در ٻاهران ئي

موٽائي ٿي ڇڏين. ٺيڪ نه آهي، تون به اڪثر ارڏائي اميرن جيان، گهر جي ڇوٽ تان چڙهي چپ چاپ ويٺي خون پسيندو هڪ ڪنڊڙن جي روئي ٺڪر واريءَ ويڙهه کي ڏسڄ، ڇو نه توکي ساڪي ٻڌجي ٿي نه سڀ ڪجهه ڏسڻو آهي.

گهر جي ڇوٽ تان ٻيهي جڏهن هيٺ لنگهندڙ جهان وارن ڏي ٿي نهارين، تڏهن اهي سڀ توکي لڳ ٿـــا پا-ن. ڀل پر لاء الهندون پيڙائون ڏسي به ڳوڙها نه شايد ڳاڙهندي هجين.... ۽ جڏهن مٿي آڪاش ۾ ٿي نهارين، تڏهن فقط سڄ ٿي لـوڪـي نظر اچي. ان مهل تون گهرڻ ٿي ڪنهنجو ساٿ ۽ منهنجو ٿي ساٿ توکي پيارو ٿو لڳي. مگر انڪي ٻـ، ڪنهن حد تائين محدود رکڻ ٿي چاهين، جيتوڻيڪ هڪ پيرو ان ۾ اسا ڪامياب وڃي به چڪي آهين...

مگر اهو ڪهڙو روپ آهي تنهنجو؟ رڳو تنهنجو ٿي چه، اڄڪلهه جيڪي به ان قسم جا سي-آء- ڊي جي رپورٽن ۾ ڪيس آيل ڏٺا اٿم، اُن ۾ وڏن گهرن جون ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا بس ائين ٿي آهن. مٿي الب جيان هڪ ٻئي کي ٻنهنجو نرم ڇهاءُ ڏيـــڻ ڪاڻوءِ ڪور جي سخت ڪل ڏيکاريو پيهن. ليڪن ائين تـ سرشٽي اـاس ٿي وڃندي ميڪا!

تون هڪ ٻڙهيل ڳڙهيل ناري آهين، سماج کي ڪي

ڪجهه ڏينهن تنهنجو فرض آهي. ليڪن اهو سڀ ڪوڪي
نه گهرجي نه؟ توکي ڪپي فقط سوکيم پراڻ - ڪمل جي
پنکڙين کان ڪومل ۽ برف کان ٿڌو. پنهنجي محلات
اندر ڪاڏي هوا کان وانجهيل نه ڏاري! سج جي ڪرڻن ۽
چانڊاڻيءَ کان بيمک! قول هوندي به، انهن سڪي وڃي،
اهو موڪلي منظور نه هو. موٽوت محلات ناهي، جيوت
نه آهي ۽ جيوت جيڪا چيڪي مٽيءَ واڱر هڳاءُ
پري آهي، منجهس محنت ۽ صحت جا سنڌو گل هر
وقت کلندا رهن ٿا.

ليڪن هيڏي شان شوڪت ۾ رهي، جيڪا سچي
جيون جوتي تنهنجي اندر وسامي چڪي هئي، انکي
مان جاڳائي نه سگهيس، پنهنجي ناڪاميابي تي مڃان.
ليڪن جو انسان ڏينهن ۾ ٻيهي واڪا پيو ڪري "ٻچا ٻوم
ٻچا ٻوم" پر همت کان چڪيس نه "نه مان، نه مان"
ڪندو رهي. تنهنکي ڪوئي ڪيئن تو بچائي سگهي؟

سماج جي ٻندن کي نه تو ڪڏهن ڏاڍي جيان ٽوڙي
ڦٽو ڪيو، مگر من جي ليمر کي به پورن ريت سوڪار
نه ڪري سگهين. پر پيت، جا جيون جي امر جوتي آهي،
ان کي تو سمجهو هڪڙو ٻاٽيءَ جو گلاس ۽ هتان هتان
ٻڪ وٺي پيئڻ ۾ ئي تو سمجهي ٿر پتي. سچ نه ملي
سگهيو نه مٺ ئي ڪار، انهن گذاري آهي تو پنهنجي
جيوت. ليڪن پنهنجي آتما کي اهو سڀ منظور آهي؟ ني

ڪين. منهنجي آتما سدائين سچ جي کوج ۾ رهندي ۽ سچ حاصل ڪري ئي رهندي. مونکي گهرجي مون جيان بيباڪ جيون سائڻ، جنهن ۾ ڪوڙ ۽ ملمع کي آسو ڪار ڪرڻ جي همت هجي. مان ان "سمتي" کي بهتر ٿو سمجهان، جيڪا ٿو وانگر ڪوڙ ۽ دوکي کي ڇهڻي نه ٿيڻي آهي.

الاجي ڇا ڇا لکي ويٺو آهيان. توکي ڪوئي سچ چوڻو ئي ڪين هوم، ڇو ته تنهنجا ڪن فقط سو ڪجهه پيار جو ورلن ٻڌڻ لاءِ تيار آهن. سرجڻ ۽ جيون، جنهن ۾ سنگهرش آهي، ڪپڙ ڪاڄڻ ڪالهوءِ به امرتا آهي، اهو سڀ توکي ڪين گهرجي. تون ٻڌڻ ٿي چاهين، اهڙا لاري، جا پيار پيار، پيڙا پيڙا ڪندي رهندي ۽ پوءِ ته پورڀون ٿيل ٿمائن جو مجسمو ٻڻجي سڪل ڏار جيان، هڪ ڏينهن زندگيءَ جي وڻ کان ڌار ٿي، ڪري ختم ٿي ويندي.

هي آخرين خط ۾ جيڪي به لکيو اٿم، سو آهي ڪوڙو سچ، مگر انکي پيئڻ ۾ ئي صحت ۽ جيون آهن.

ارجن

”اُني اُني اندر ڇو هلي آئي آهين؟“

”پيٽ ٻاٻڙن واري...“

”سو ڪير ٿو هجين؛ ڏسين ٿي ڪو ڪپڙا مٽائيندو هوندو.... اڙي ٻڌين ٿي؟ هيڏن ڇو ڊ ر لي جهڪائي اٿي رهي آهين؟.... ۽ تو هين هن ٻاٻڙن واريءَ ڏي ڇو ٻيا ڏسڻ، ڪپڙا مٽائڻ ٿو وسري ويا اٿو!“

”تون نه ليٽو آهين نه؟ ڇو سڄا ڏينهن اٿو ڇا؟“

# پـــوُرِي

.....................

”ماڻ ٻاٻڙ ٻيٺي وکڻان اهو ڏسي عجب ٿو لڳي ويو آهين نه؟“

”اڄ وٺهِ، ماڻ نه ٻرابر ليٽو آهيان، ٿر تون ٻوُرِي آهين ٻا رکي اهو سمجهه ٿو اٿو اچيم.“

”رکي نه منهنجي وڏي پيٽ آهي. ماڻ نه ٻوري آهيان. واهه ڪرسي مزي واري آهي. هي تنهنجي ڳال آهي نه؟“

ليڪوءِ ڪنڊ سان ھا ڪئي.

”تون چاڪ نہ آھين ان مٿھن ۾ حيدرآباد وارو ليمڪ کولڻ رھيو آئيئي.“

”پر پوري ڀورل ياڪي....“

”ھا چڱو چڱو. ماٺ ڇو ٿي وئين؟“

”سھيلا ھي پوري آئيئي، جنھن لاءِ پڏايو ھو مانءِ نہ اسان جي واھہ گھريءَ جي سونھن ھئي؟“

”اچا! ھي اھا پوري آھي. سو ھي ھئي توھان جي واھہ گھريءَ جي سونھن؟“

انھن چئي سھيلا پنھنجي مٿھن ٿي آيل وارن جي چڳن کي ناز سان ھٽائي ڇڏيو، مگر سندس ڇھري ٿي چٽ کنھن ھيٺ ھاري ڇڏي ھئي.

پوري ڪرسيءَ تي ويھي سڄي ڪمري جي سامان خاص ڪري فوٽن کي ڏاڍي چاھہ سان پئي ڏٺو. کنھن نہ سوچ ويچار کان سواءِ چوندي رھي، ”ٿي پار چاول، سو رت ست ڏنو ھوندو ڪين ھميشه ماٺھو ساڳيو اورو ٿي ھوندو. وري اسن ۾ رلڻ... ليڪو لوکي پار اچا آھن؟“

پر ليڪوءَ جي اکين ۾ اپڏا وڏا لڙڪ اچي اٽڪيا ھئا، جنکي اکين ۾ پيڻ مشڪل ھو لسن اکين مان ڪيرائي ڇڏڻ ٿھائين مشڪل ھو. ڏاڍي تڪليف سان چيائين، ”پر پوري ٿنھنجي شڪل ھيترو بدلجي ڪيئن وئي؟“

اول پڏو ٿا ھوءَ پچي ٿي چائي؟ ھوءَ پڇڻ ٿي توھان

ڪي ٻار گهٽا آهن؟ ٻاٻلي اسالڪي ٻه ٽي ٻار آهن. ٽوڪي ٻاٻڙ ڏيڙا آهن ....“ ان کان وڌيڪ سشيلا چئي ڪين سگهي. غصي کان سندس چپ ڏڪي رهيا هئا.

”اڙي ڏيڙو! پٽ ڪاڏي وئين، ساهمي نه کٽي آءُ.“

”پنهن کي ڏيڏيءَ ۾ ٻهاري آئي هئينءَ ڇا؟“ سشيلا پڇيو.

”پيو ڇا ڪريانس. مٽي جا ڍير لڳا ڏس. ماريو سڄو ڏينهن ٽو رلي. هتي پٽ ۾ رک ساهمي. پٽ تي ويٺي ٽورڻ ۾ سولائي ٿيندم.“

”پر مائي ڏينهن گهٽي رلڻ ٿي؟“

”سشيلا! مائي؟“ ليڪوءَ ڇرڪ سان ڪنڌ مٿي ڪيو جڻ ”مائي“ اکر کيس ڇرڪائي ڇڏيو هو.

سشيلا منهن ۾ شور وجهي پنهنجي ڏي ڏسي ڇيو، ”هون“ جڻ چئي رهي هئي، ”مائي نه چوانس ته ڏهن مهينار جي سهٽي چوانس؟“

ليڪو جڻ ڪوڙي گوري گيهي ويو. منهن گهنڊائي ساڳيءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو، جنهن تي اول پوري ويٺي هئي.

پوري هاڻ پٽ تي ٻارڙ ٽورڻ ۾ مشغول ٿي ويئي هئي. هن جي ڳالهين سان جڻ سندس واسطو ئي ڪين هو. ”هيءُ سير، هيءُ پا، هيءُ ٽي، ساڍا ٽي سير هيءُ ٻاڻ چار پاٽ ٻچيا اٿم، وٺ اهي پا ٽوڪي ٽي

ڏيان. پر پاڻ ڪاڻي پوءِ چئج نه پوري پاڻ ڏيئي وٺي
ڪين ڪيچا ڏيئي وٺي!“

”ڀورن چئه نه رلي گهٽي تي ڏين؟“

”ٻارهين آني رلي وڪڻندي آهيان، ٿوڪان وڏيڪ ٿورو ني وٺنديس. رلي لي ٽڪو هڪڙو مهنجو اِيو آءٌ پاڻي ڪين ني ڪان.“

”هاڻي ماني ڪونڌ نه ڪين ڳالهاءِ. ٽڪي جي ٻاجهه مان ٽن ٻارن کي پاليندي هوندين.“

”نه ڙي ڀيڻ، جيئي شل منهنجو گهوٽ، اهو ته ٻه چار رپيا روز ڏيندو اٿم.“

”بس ٻه چار رپيا؟“

”تنهنجو گهوٽ ڇا ڪندو آهي پوري؟“ ليلوءَ پڇيو

”اڳي ته ٻڙودي ۾ هٿاسين لڏهن ته ڪپڙي جي ڪٿين هٿس. هاڻي ٻيڙيون ٻڌندو آهي. ٻيڙين مان ڪماڻي پوري ساري آهي، سو مان ني پيدر روڊ، ڪولابا، دادر هيڏي هوڏي ٻئي چڪر هڻي روز ٽيه سير کن پاڻــڙ وڪڻي ايندي آهيان. ٻه چار رپيا مان به ڪمايان، ڏاڍو سٺو گذر پيو ٿئي. هيءَ ڇورو ڏس. اڙي ڪڇو پاڻ ڇو ٿو ڪاٽين؟ رولڙ مار پيو اڄ ٻن ڏينهن کان پوءِ پيدا ٿيو اٿيئي پيو!“

”ڪيڏانهن وٺي هوءَ ٻه ڏينهن ماني؟“ شيلا رکي لهرلي پڇيو.

”چوي ٿو دادو اسٽيشن تي هوس.“

”ڪاڏانهن ڪٿان؟“

”وڃي مزوري ڪيائين.“

”ڏٺم آهيو ٿوهين ماڻهون. اسانجو ٻار ته ڪن ڪن هيڏي هوندي ٿئي ته جيڪر ساه نڪري وڃيٿون. ٻر ڇوڪري جا حال ته ڏس ڪهڙا ڪيا اٿيئي! ڇا آهي مٽي جي سواءِ.... ڇٽن تي چڙهي سرخي مکي پيئي اٿس... ڇپ مٿي جون ڏاسي اکيون! ٻر ٺڪو سهان لڳي صابڻ، ٻڌ ج لي ره چاڙهي چڙهي اٿيئيس. اسانجا ٻار هيٺر ٻاج مان موٽندا، ڏسج ڪهڙا اڇا اجرا ٿا لڳن.“

”ٻيڻ، اڇا اجرا ڇو نه لڳندا هوندا. مان به سڀئي ڏٺيهن گهر ۾ وهان ته وڃي ٺاهيان جوڙيان. جهڙي ٿهڙي گراهي وڃهي نڪرڻو پوي ڇڪر لي، نه به ڇوڪراڻون ٻئي ته اسڪول ۾ چڙهي ايندي آهيان. هن مارني جو پڙهڻ لي چاهه ٿي ڪواهي. ڇوي ته ”توسان گڏ هلان. مان به ڪمايان.“ ٿهن ڏٺهن ”نه“ ڪٿي ماس آ مرڳ ٿي ٻاهي ويو. ٻر سڀاڻي ماستر کان ٿڏگون ٻڌ ٿي اسڪول ۾ وهاري ايندسانس.“

”ان ڪان ته اهو ٻاهر نڪرڻي ٿي نه. ڪمائين ته ٿڪ ۾ ٿي چار رپيا ٿي ڪو لڪ ٿو روٽي ٿي ڪمائين؟“

”اسان لاءِ اهي ٻئي به چار به ڪوڙ آهن. ڪڏهن مهتاجي نه ڪيڏي ڪانه ٿي پوي نه؟“

"ڪوڙ آهن! ماڻي مولکي نه هضمو ٿيسو رهيا پگهار ۽ ٿورو لڳندو آهي." سشيلا اٿڙي نه لوڏ سان چيو جو هن سمجهيو نه پوريءَ کي ضرور ان تي اهڙا لڳندي. ليڪن پوريءَ اهڙي ڏيکاري ڏني جڻ هن لاءِ ٿي سڀ رهيا ۽ اهڙائي هئا جهڙا سندس ڪمائي ۽ چار رهيا.

"ڇگو پيڻ، هي سايا ٿي سڀ پاڻ اٿيندي. پيا چئين نه سپاٽي ڪٽي اڇانءِ."

"سپاٽي وري ڇا ڪنديس. ٿورا ڏينهن ٿرسي ڪٽي اڇج. هاڻ وڃ پٽسا."

"ڇگو ايٺو.... اڙي هل ڏيرو ساهمي ڪڻ. سمجها ٿي وڃي."

"اوهين ڪپڙا نه مٽايو. سومت ۽ گندجي ۾ ٿي ويهي رهيا آهيو."

"اڙي... اڙي مولکي نـ ڪپڙا مٽائڻ وسري ويا. پر ۽ ٿون هن طرح ورچين ڇو پيئي؟"

"ڇگو، مان پيٽي ورچجان نه، اوهانجي دل نه بهار بهار ٿي وڃي آهي نه؟"

(٢)

"هيڏي رات گذري آهي، اڃا پيا جاڳو؟"

..........

"توهانکي اڄ ڇا ٿي ويو آهي؟"

..........

"سچ چئو، هيڏانهن اهاريو. توهانکي پوري پيئي

ياد اٿي ٿو؟

"پوريءَ بابت ته برابر سوچي رهيو آهيان، پر تون هيٺن ٻي صبر ڇو ٿي رهين آهين؟"

"مون سمجهيو، پوريءَ بابت ڇا پيا سوچيو..."

"تون ڇا سمجهندينءَ!"

"سمجهه ڏيندا ٿي ڪين ته ڪٿان سمجهنديس. مان ڇوري آهيان جو ٻچان ٿي. چڱو نه ٻڌايو. بس مان سمهي ٿي پوان."

سشيلا منهن ورائي سمهي پيئي.

"اڙي ٻر ٻڌ ته.... ڀلا تو ڇا سمجهيو؟"

پيڏيو مونکي. پوري ڏوهالڪي ڏاڍيو موهي ويئي. آهي ڇا؟"

"اڙي پاڳل ته ڪاله ٿي آهين؟"

"چڱو بس مان پاڳل آهيان. اهڙا واڻڙا ٿي ٿا ٿهارو جڻ منهنجي ڳالهه سمجهوٿي ڪونه ٿاه مان اصل ڇولدي آهيان ته شاعر سان ته شادي ڪڏهن نه ڪجي. هن جو روح رڳو سهڻين ڇوڪرين پٺيان پيو ڇڪر ڪائيندو آهي."

اڄ مڙئي ڪنهن ڳالهه تي خوب اُمٽي آهين، ته ته پار ۽ ڇولدو ته هن وقت شڪل ۾ تون ٿي پوريءَ کان وڌيڪ سهڻي ٿي لڳين."

"ماڻي ٻڌو ٻڌو؛ پنهنجي زال ڪڻي حور پري ڇو نه هجي ته به اها ٿي گهر جي مرغي دال برابر."

"هاڻي اڄايو نه ڳالهاءِ، شاعر ڇا هرڪو انسان سونهن جو ڪانڪي آهي. باغ ۾ سهڻا گل ڏسي ڇا اکيون بند ڪري وهندي آهين. سونهن ۾ نه قدرت جي ڪاريگري پسبي آهي."

"پلا پوريءَ ۾ ڪهڙي سونهن اچي موهي هئي؟ ڏاڍ ڪاند نه هوءِ وچڻ لڳي نه سندس چال ڪي ڏسي لوهاڻو ان مان ڏري پيو.

"سشيلا!"

"ها، ها، سچ ٿي چوان. لپو چو ٿا....؟"

"پڳلي، هوءِ ڪنهن جي زال آهي! تن بارن جي ماءُ آهي!!"

سو ڇا ٿي پيو. ڪنواري هئي نه لوهان داديءَ جي چوڻ تي ساڻس شاديءَ جي رضامندي ڏيکاري هئي نه . پوءِ ڪٿي لوهاڻي بابا سمجهايو نه ٻاڻ ٻڙهيل آهيو نه ٻڙهيل چرڪري ولو. سو هينئر پڇتايو پيا."

"پڇتايان ٿو؟ دماغ نه ڪوءِ خراب ٿي ويو اٿيئي؟ ان وقت مان الف. اي. ۾ هوس ۽ بابا نه عقل جي ڳالهه ڪئي."

"جي عقل جي ڳالهه ڪيائين نه پوءِ اڄ هن غريب پوريءَ ۾ کوٽ ڇا ٿي ڏنءِ. وڏي ڳالهه نه پوريءَ کي ڏسي اصل روئي وينا. پاليو ٿا اهي ڳوڙها مون لوهاڻي اکين ۾ ڏنا ٿين ڪين جي اکين ۾ ٿي نپي ويا.

اڙي زال مرد جي نظر هڪ ٻئي کي پرکي وٺندي آهي.“

”هاڻي وڃ وڃ اڌ مغز. تڏهن نه چيم تون ڪالهه سمجهندين ٿه.“

”وري ڦري ساڳيءَ ڳالهه تي آيا، ڪجهه سمجهايو“

”سشيلا تو اڳ اٺ سال اڳ واري پوري ڏٺي هجي ها.“

ها ته تون به شايد هن پوريءَ کي ڏسي روئي وجهين ها. هن جي گول گول پرٻل چهري منجهان اڄ اوڪدار هڏيون واريون ڄاڙيون نڪري آيون آهن. جيڪي ڳل اڳي گلابي هئا، جنجي سنهيءَ چمڙيءَ هيٺان هلندڙ رت جو پيو نظر ايندو هو سي ڳل ٿي سڪي ويا آهن؛ اکيون ڏسين ها ان وقت ٽمڪندڙ جوليءَ ن هيون پر اڄ انهن جا چمڪندڙ تارا غربت جي حسرتن ڪيڏو نه اندر ڌڪي ڇڏيا آهن. اهي ڪير جهڙي چمڙي اڄ اُسن ۾ رلندي ٽامو ٿي وئي آهي. غربيءَ جي جر جڏهين ڪنهن سندر پوٽي کي لهسائي وجهندي آهي تڏهن منهنجي دل ڇو ڇڙهي پوندي آهي!؟

”دل ڪيئن چڙهندي؟.“

”سشي جڏهن لڏيتي سروج جي نازڪ چمڙيءَ تي ڏي مانا ڇگهه ڇڏي وئي، تڏهن تو ڪيترو راڙو هو؟ ڇو راڙو هوه؟“

”مان ته اڄ به هن گلڙي جي سوڪهڻ ڪڙٻل ڏسي ڏاڍو ڏکي ٿيندي آهيان.“

”سسئي جهڙن سهڻا گهر، سهڻا رستا، باغ، سڪول ڪنهن قوم لاءِ فخر آهن، ٽڙن حسين چهرا ۽ ملڪ لاءِ فخر آهن. پوءِ پوريءَ کي ملڪ جي باغ ۾ ٽڙڻ سان ٿي مسليل ڏسي دل ڪيئن دکي ٿيندي؟“

”ڌارين ماڻهن کي ڏسي ۽ دکي ٿيو آهي، اها توهان جي ڳالهه برابر موڪلي سمجهه ۾ نه ايندي آهي.“

”منهنجا سنڌي ڪڏهن ڌاريا آهن؟ سسئي! منهنجي سنڌ جا شيشن آرسين وارا گهر، باغ بوستان، پيرون بارا، واهه براجون سڀ ڇڏي آيا سين انسان جي ڇوري ۾ جو اور ڪٽي آيا سين سو ۽ هن طرح بک ۾ اُجهامي ختم ٿي وڃي، جا حسرت جهڙي ڳالهه ناهي ....“

”توهين مات ڇو ٿي ويا... پلا پوري وچڻ لڳي ان وقت توهين بلڪل خوش ڇو ٿي نظر آيا؟“

”ان وقت مون پوريءَ جي ۾ هڪ سونهن ڏٺي.“

”پوريءَ ۾ هيئنر وري ڪهڙي سونهن لڪڙي آئي آهي. توهين شاعر مون جهڙن سڌن سدوائن ماڻهن کي نه سمجهائي ٿا ماريو.“

”منهنجي سسئي، ٿورو ڌيان ڏينديئن ته توکي ۽ اها سونهن پوريءَ ۾ نظر ايندي. اڳين ڇاڳلي پوريءَ جي جڳهه تي اڄ خوددار مضبوط پوري پيدا ٿي آهي. سندس صاف گوئي ۽ بي فڪر هلت ڏٺئه؟“

”چوري ڪرسيءَ تي ڪيڏي دخل سان اچي ويٺي!“

ڪڏهن ڪڏهن بلڪل ننڍڙا واقعا زندگيءَ کي هڪ موڙ تي آڻي ڏيو ڇڏين. انهن نه منهنجي زندگي انيڪ واقعن سان ڀرپور آهي، حيرت انگيز ۽ درد انگيز.... اهڙا واقعا منهنجي جيوت ۾ ٿي گذريا آهن. جو نه منهنجي جيوت هميشه جل جي ان ڦري جيان گذري آهي جو هميشه وهڪ ۾ ٿي رهيو آهي، ڪٿين آسمان ڏنا اٿس. ليڪن ڪلهوڪي واقعي جنهن ان ڀاڳيءَ جي ڦـڙي کي ٻرندڙ لٽي ۾ ڪٽي اڇليو آهي. ڀاڳيان ٿيو

# چماٽ

زندگيءَ ۾ الاهي سچ پرجي ويٺي آهي. الاهي آزودا، الاهي ڌن دولت، سڀ جڻ ڪجهه ڪيئهن. اندر ويٺو ڪو ٿي لوچ مچائي، ”زندگي ان لاءِ ناهي، ان لاءِ ناهي!“ ناٺين جو احساس سرير جي هر انگ ۾ پرجي ويو آهي. هردي اندر ڪو ٿي احساس اهڙو ته ڦوڪجي ٿيو آهي، جو شايد چالي ڦاڙي ٻاهر نڪري اچي. هڪڙي رواجي سچ اندر ۾ اهڙي ته روشني ڦهلائي ڇڏي آهي جو سمجهان ٿيو، هڪ ليز ٽڪي بلب

سڌ ڪيائين. ”ٽمي ٻاهر نه ڏس اچي ڪير آيو آهي.“
ٽمي ٻيمارن جيان هلندي ٻاهر آئي. سندس ٻيلي مکڙي
تي چمڪندڙ ماڪ جيان ڦهليل مرڪ موٽڪي ڏاڍي
وڻي. چاچيءَ چيو، ”ويا هئا پکڙ ڏسڻ. چوڪر کي
پکڙ ڪين آئي، سو اڌ ۾ ئي ٽڪسي ڪري واپس
وٺي هليو آيو اٿس.“

”اصل ۾ پکڙ هئي تمام دک جي،“ روبي ذرا
لـــڇي تيندي چيو، ”ٽمي، دک سهي ڪين سگهي،
اچي روئڻ ۾ چٽڪي....“

ٽميءَ جون اکيون زمين ۾ کپي ويئون.

”چا ڪجي،“ دکهو ساهه کڻي روبي چيو، ”ڏاڍي
جدائي آهي.“

پس روبي جو جدائي چوڻ ۽ ٽميءَ جي اکين اڳيان
اڳين مسافريءَ تان موٽڻ وقت ڏٺل ٽمي جو نــاٽڪ
شروع ٿي ويو. جيستائين ڪاڏي پيٽي جو ڪتراڳ هلندو
رهيو، تيستائين اڄ جي ٽميءَ سان گڏو گڏ اڳينءَ مسافريءَ
وقت ڏٺل ٽمي به ٽميءَ جي اکين اڳيان ڦرندي رهي.
اڄ جي ٽميءَ نه پيرن هيٺان حرب زمين ٿي محسوس
ڪئي. مگر اڳين ٽمي جڻ ته هوا تي پئي هلي. هر هر
سندس هٿ ڏکي ٿي ويا. ٽلڪ جي شيشي پڳل
ڏٺائين نه رت جو ٽلاءُ جٽي ڪري پيئي. هڪ ڏينهن
سانڍيءَ جو پلئه گڏيءَ ۾ ويڙهي پئي اچ وڃ ڪيائين.

ٻون چيو، ”چاچي لڌهن کي ڏاڍو ٻڪ پردي ۾ رکڻ
سيکاريو آهي.“ چاچي اشاري ۾ ڪٺي ننڍيءَ کي سمجهه
ڪيائي. ٻس ڇوڪريءَ جا همت ٻيا ٽرڪن. ويتر ڄو
چاله آٽيندي ٻاٽڪي ڪٽ ٻـــاڻهن واري ڪوٺيءَ سان
آرسيءَ ۾ ڏٺائين، ٻس شرم ۾ ٻڏي ويئي. محفل ڇڏي ائين
ڀڳي ڄڻن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ. ليڪن اڄ جي لنڊيءَ
نه انهن ويسن وڳن کي ٿي جيءَ لاءِ ٻجائي ڪيو هو.
هڪ ڳالهه ضرور چولدس. اُچن چمڪندڙ ڪپڙن ۾ اگر
ننڍي ٻند مڪڙيءَ جيان ٿي لڳي ته اڄ سادي سوني
ساڙهيءَ ۾ ٽڙيل گلاب ٿي لڳي.

مان نه سونهن جو شائق آهيان نه. ان ڪري سادين
شين ساط نه ٻولدي اٿم. ٻر ننڍيءَ جي حالت ۾ ائين
ٿي لڳو، ڄڻ هن جي ڇهري خود سندس ڪپڙن کي
سونهن ڏيئي ڇڏي آهي. الائي ڪيئن اڄ لنڊيءَ جي
هيءَ صورت مولڪي وٺي ٿي نه نه، ننڍيءَ جي مڱڻيءَ
وقت جڏهن چاچيءَ اچي چيو، ”مان نه ڇوڪريءَ کي
سيکاري ڇڏيندس نه وڏن گهرن ۾ ڪهڙيءَ طرح هلبو
آهي،“ تڏهن ڪلي چيو هوماس، ”چاچي گڏهه ڇا ڄاڻي
گيهرن مان.“ ٻر اڄ الائي ڇو ٻاڻڪي غلط ٻيو سمجهان.
اڳي نه ڪڏهن ٻاڻ کي ائين ڪين سمجهيو هوم ۽ ٻر
ڇوان ٿو نه ۽ اڄ مان ماڻهو ٿي ٻيو ٿي ٻيو آهيان...

خير ڪلهوڪي ڳالهه آهي. ننڍيءَ ٻهراڻ نه ٽڪل ٿئي

۽ هٽي اچين ها....؟

روبي جو اهو ئي پارو تو جواب مليو. چي، ”ٻارن جي غلطيءَ جو فائدو وٺڻ لاءِ؟“

”بس يار تون رڳو ٻارن جون موٽون ڇٽي ڄاڻين. اڄ سڀئي ٻچيون ٻارن ڏسين ته ها. هٿ لائين جهڙيون پشم، وري نازڪ طبع ڪهڙيون رڙ ڪندين ڏڄي ويندايون. سڀ ڏينهن لڙهن پيئون ٿاهينديون، وار پيئون سينگاريندايون، بس جي سگهي ڏوڏي لي ٻي هنج ۾ پيئون ڪرنديون. ڏاڍيون نازڪ مزاج. هيٺئر ته ڇوڪرين ڪراهن ٻر ڄهڙيون وڃون. هٿ لائين ته اکيون ڪڍي ٻيهنديون....“

لٽيءَ ڏاڍي چاهه مان پڇيو، ”پوءِ هاڻي سهڻيون ڪو نه لڳن؟“

”ها اڄين نه اهڙي پاسي جون ڇوڪريون تين ئي سهڻيون؛ اڄڪلهه ته پاڻ ڪاڻو خوراڪ ٻه سيڻي ڪان سڃو ٿو ملي، سو گهٽي تعداد ۾ ڇوڪريون پاڻ ٿاهو ڪيون پيئون لڳن. پر اها نازڪ طبيعت نه رهي اٿن، جا اڳين ۾ دل ڪٽي گهمندي هئي.“

روبي ميز تي ٿولنيون رکي هٿن مٿان ڪاڏي رکي پڇيو، ”پاڻي تون آخر نازڪ مزاجي ڇو ٿي چاڪي ٿو؟“

دل ۾ چيم، ”جت جو جت رهجي ويو“ ۽ مڙهيجي پدران ماٽس جواب ڏنس. چي، ”نازڪڙيون هونديون

لهندي لڇميءَ جهڙالو نه هو ڇا؟“

”چاچيءَ ڳالهه پوري ڇڏي آهي،“ مون ٺهڪ ڏنو، لڇميءَ جي نازڪ طبيعت کان پوءِ ته حد آهي. فرصت ملڻ ۾ مون سان گڏ پڙهندي هئي. هڪڙي ڏينهن ڪاليج ۾ ٻلي مري وئي، اِن ڇوڪريءَ روئي ڪڍي رڃ پاڙيا.“

”وڃو ڇيڙايو پيا،“ لڇميءَ جي منهن تي روسامو ۽ چپن تي کل هئي.

چاچيءَ موڙو ڏنو، ”ڇرن کي نه ڇيڙائيو نه ڪنهنکي ڇيڙائيو.“

لڇميءَ جي شڪل پيلي ٿي وئي ۽ هوءَ ميز تان گلاس کڻي رڌڻي ڏانهن هلي وئي.

روپي ڏاڏي لٿل چهري سان چيو، ”اما توکي به ڇا چوان؟“

ڪٿ ٿي لڳيل روپي - ڏاڏيءَ ناس ڇپڻي ڏئي ڏاڍي وشواس سان چيو، ”بابا ائين ٿيندو آهي. جن ڇوڪرن کي مائٽ لاڏ ڪوڏ سان پاليندا آهن، سي ائين ڏڪڻيون ٿينديون آهن. ڪلهه ٽڪاڻي ۾ ڪين آرتي نڪتو، راجا جي ڌيءَ هئي ڏڪڻي سو گل سنگهندي بيهوش ٿي وئي....“

چاچيءَ خارن ۾ چيو، ”بس توهان ٻنهي ڏاڏيءَ ۽ پوٽيءَ نه ٻول ٻول ڪري ڪارايو اٿس....“

لڇمي پاڻيءَ جو گلاس ڀري مون ڏي آڻي ۽ چيائين، ”ڪنهنکي کپي ته پيئي.“ مون سندس ڪومل هٿن ڏانهن ڏسندي چيو، ”اها عنايت مان خوشيءَ سان قبولڻ لاءِ تيار آهيان.“ ۽ وايو منڊل ۾ ڀيهر رونق آڻڻ لاءِ چيم، ”روپا هنوئي (ويٽنام) جي پاسي ۾ اٿيئي بئنڪاڪ الي ته اڄڪلهه به ان ٽن رپين ۾ فرسٽ ڪلاس سهڻي ڇوڪري تنهنجي گوڏي تي ويهي اچي توکي شراب پيئاريندي ......“

مون شيشي جي گلاس مان پاڻيءَ جو ڍڪ ڀريو. لڇميءَ کي چپ چاپ پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي مونکي خبر ناهي ڪيڏو الساهه ملي ويو. چيم، ”لڇمي، روپي ۾ ڪر ڪولهي نه ته گهٽ ۾ فرانس جو نه، هڪ ڀيرو ضرور چڪر هڻائي اچيئي. اُتي جي شئمپين رس (شرط) به چا نه مزي واري آهي.“

”ڪهڙي ڏور پائيندا آهن شئمپين رس ۾،“ چاچيءَ مرڪي سوال ڪيو.

”اڙي پاڻي چا ٻڌاياو ٻنهي وارا توهين آهيو، ڀر ٻنهو چاچي لاءِ آهي اها خبر ڪين اٿو. روپي ته عمر تي اچائي وڃائي آهي.“ مون روپي جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ چيو، جو الاجي ڪهڙي خواب ۾ گم ٿيل پئي ڏٺو. هو اکيون ڦاڙي مونکي ڏسڻ لڳو. چاچي، اما ۽ لڇميءَ جو ڌيان نه اچيئي مون ڏانهن هو. مون ڪلي چيو،

"سنگمرمر جو ٺلهه سڄو شئمپين شراب سان ڀريندا آهن. جيڪا فرانس جي سٺي ۾ سٺي ڇوڪري هوندي، اَصلي فرسٽ ڪلاس ٻيڻي، اُن کي ننگو ٿي ننگو سنان ڪرائيندا ۽... اُنڪانپوءِ سڀ حاضرين ان ٺلهه مان شراب جا گلاس ڀري پيئندا آهن..."

اوچتو پٽ تي پاڻيءَ جي گرڙين جو ٺڪاءُ ٿيو. ننديءَ اُلٽي ڪري وڌي. سندس سر چڪر کائي رهيو هو. روپو نه جهليس ها ته شايد هڪ ڪن ۾ ٿي بيهوش ٿي ڪري پوي ها. روپو کيس ٻئي ڪمري ڏانهن وٺي ويو. چاچيءَ منهن تي هٿ رکي چيو، "روپا ڳالهه سچ آهي ڪا."

اَماڻ اوڪر کي سڏي چيو، "اڄي اُلٽي منڙي وڃ." ۽ مان... مان جڏهن ٻه ڦانڊا لسي جي پي ويٺو هوس، تڏهن دير ڪانپوءِ ننديءَ کي ڏسڻ لاءِ روپي جي ڪمري ڏانهن ويس. ننڍي وهاڻي تي ڪنڌ رکي ليٽي پيئي هئي. مونکي ڏسي منهن اهڙو ڪٽي ڪيائين جڻ سندس زبان ۾ ڪنهن ڪوڙيءَ چيز جو ذائقو اچي ويو هو. مان تڏهن به همٿ رکي اڳيان وڌيس. روپي پاڻ اُٿي مونکي ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو.

مون ننديءَ جي وانجهو جهڪي چيو، "ننڍهڙي طبيعت ڏاڍي نازڪ آهي...." ۽ هن روئڻهارڪو منهن ڪري چيو، "ٿرهين پرشناچار جون ڳالهيون ڪندا ته

اُٿي نه ايندي؟" ۽ ٻڪا ٻڪ منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏ ڏيائين.

ڪاڻي حسينا ان طرح منهن ڦيري ڇڏي! ڇا انڪان وڌيڪ به ڪا چماٽ ٿيندي آهي!!

ڪيڏي مهل لٽيءَ جي ڪمري مان نڪري آيس. ڪيڏي مهل ڇاڇيءَ بسترو وڇائي ڏنو ۽ ڪيڏي مهل هي سگريٽن جو ٻيو سڙي رک ٿي ويو، سڀ ڪجهه خواب پيو لڳي.... ڇا سچ پچ ٿي زندگي پرشناچار ۾ گذاري اٿم! ۽ هن سڄي رات جي سورن ڀري لمحن مان اندر ۾ هي کهڙو جهيڙو پيدا ٿيو آهي جو گهڙيءَ گهڙيءَ ويندو چوي، "زندگي گند جو ڪينئو ٿيڻ لاءِ نه ملي آهي، سندر ورتي ٻچا!"

نڌهن هي گل گل جو واس، هيءَ ڪلي ڪليءَ جي خوشبوءِ، جا مون ٻڌهڄي جيءَ ۾ گهولي ڇڏي آهي، سا ڇا ڪجهه ڪيڏهي!! نڌهن ڇا ڪن جي مجبوريءَ ڪي ٿي عطر سمجهي جيءَ لي مکيندو رهيو آهيان....

ڪاليجي مٽر نه هڪ هڪ ڪري موڪلائي ويا ۽ سندن ٻڌت مغز مان موڪلائي نه سگهيو. اڃا پلنگ تي ليٽي ٻڌت جي سٽ سٽ کي دل ئي دل ۾ دهرائي رهي هئس. ڏاڍو عجب لڳم، جڏهن ڏٺم، سڀني جي ٻڌت مان گول ٿي پيو هو، جو ٻڌت هو، ڌرتيءَ مٿان ويڪرائي ڦاڪن جون ليڪون هيون.

"زندگي ڪهڙن انسانن لاءِ آهي" ان وشيه تان شروع ٿيو هو ٻڌت. هر ڪنهن انڪي پنهنجي نموني ۾ پيش

## "انسان جو آهيون...."

ڪيو. هڪ چيو، "هيڏي حسين دنيا ۾ رهڻ لائق اهو آهي جيڪو چلتو پرزو هوندو، گهڻو گهڻو هٿنڊڙ هوندو."

ڪنهن چيو هو، "گوتم، گانڌي، ڪرائيسٽ يا ڪارل مارڪس دنيا ۾ رهڻ لائق نه هئا؟ سچ نه آهي ته انسان دنيا ۾ رهڻ لائق آهن جيڪي دنيا جو درد دل ۾ سمائي، زندگيءَ کي وڌيڪ سندر بڻائي وڃن ٿا."

ٻئي ٽيڪو ڏنو هو، "جهان ۾ رهڻ لائق نه آهي آهن جيڪي زندگيءَ تي سوچ ڪن ٿا. انهن جيوت جي

سڀني کي ڳولهي لڌو آهي پورهئي، سادگي ۽ قرباني ۾. انهن لئي هڪڙي ڪلي چيو هو ”پورهئي، سادگي ۽ قربانيءَ جي مورتي ته گانءِ ۽ گڏهه آهن، پوءِ چترڪار مست ٻڍي جي بدران گانءِ ۽ گڏهه جو چتر نه ڪڍندا آهن؟“

مون اُتر ڏنو، ”گانءِ ته وڇڙن سان ويٺل گهڻن ئي چترن ۾ ڏٺي اٿم، ڪرشن جي بيان ۾ گانءِ ويٺل هوندي آهي. گڏهه جي ڳالهه نياري آهي....“

در تي ڪڙڪو ٿيو، منهنجي دماغ ۾ هلندڙ بحث جي ڪڙي ٽٽي پيئي. در کوليم ته هو بيٺو هو. اسڪول ۾ کيس ”روڊ“ ڪري چيڙائيندا هئا. ڪاليج ۾ ته هو اسان سان آيو ئي ڪين. منهنجو ڏوراهون عزيز هئڻ جي ناتي اڪثر ايندو آهي. چيومانس ”ٽيڪو، مڪي، شيام، گوپي اڄ ڪاٿي ويا آهن.“

بي پرواهيءَ سان گڏ ٿوري نفرت ملائي چيائين ”چڱو ٿيو انهن بيڪارن جو منهن نه ڏٺم.“

منهنجو پيءُ سامهون آرام ڪرسيءَ تي اخبار پڙهي رهيو هو، ڪلي پڇيائينس، ”تون ڪهڙي ڪارداري ڪمائي آيو آهي هيرالال!“ سندس ڳالهائڻ ۾ ٽوڪ کان وڌيڪ مذاق هو.

هيرو هڪو بڪو ٿي ويو. بنا ڪجهه چوڻ جي وڃي رڌڻي جي ڀرسان ويهي رهيو. دادا وٽانئس جواب پڇڻ جي اوسيڙي ۾ عيدڪ لاهي هٿ ۾ ڪئي هئي. هاڻ

جڏهين هيرو رڌل وڃائڻ کي لڳي ويو تڏهين آهستي آهستي چيائين، ”ٻولتو ئي رهجي ويو.“ ۽ عينڪ پائي اخبار پڙهڻ لڳي ويو.

پاڙيسرڻ پاري لنگهي آئي. ڪڪ ٿي چيائين، ”لنهنجو ته گهر آهي جهڙي هوٽل. جڏهن اچ تڏهن ڪير نه ڪير ويٺو ئي آهي.“ هيري طرف اشارو ڪري ڏاڍي بڇان سان چيائين، ”هاڻي هنجي وري ڪهڙي ضرورت هئي؟“ ۽ گهوريون اکيون ڪڍي پڇيائين، ”وڃڻو آهي توکي؟.... الاجي اڄڪلهه ڪيئن ٿي ڏينس ڪهڙن پراڻن ڪپڙن سان؟“

مان ته پريشان ٿي ويس، ٿل ٻڌي ته ورلو هجيس. مگر ڏٺم ته هو رڌل وڃائڻ ۾ مشغول هو ۽ راڳ گنگنائي رهيو هو. سامت جو ساهه کنيم. پاڙيسرڻ جو سوال ڪنن ۾ پئي وڄيو، ”وڃڻو آهي توکي؟“ ۽ رڌل سان گڏ هيرو آهستي گنگنائي رهيو هو ”ڪنهن ڏيهي ڪليان هئن جو ليا بولين، ليا مدهن کولين.“ منهنجي پاڙيسرڻ ته پنهنجي منڍيءَ جي هيرن جو شعاع ڏسڻ ۾ مشغول هئي. دل ۾ آيو جيڪر کيس هٿ کان اُتاري چوان ”هلي وڃ هتان، اي انسان کي پرکڻ سمجهڻ واري عورت!“ مگر هاءِ ڙي سيبتا! من ۾ پئي ڪڙهيو ته به ڪلي چيم، پنهنجا عزيز ڪي گڏا گڏيون ته آهن، جن لاءِ وڃڻ نه وڃڻ جو سوال اُٿي سگهي. بس هو پنهنجا آهن.

سمنڊن وڃڻ لاءِ اهوئي ڪافي ناهي ڇا؟ ۽ ڪير ٿو ڄاڻي زماني جي گردش ۾ ڪير ٿو ڪڏهن ڦاسي."

"اها ته ڪا ڳالهه آهي، ٻئي پاڻ اٿس. ڇو ڪين ٿو، انهن سان ٺهي هلي."

مون چيو، "دادي ٺهي هلڻ ته برابر گهرجيس، پر تون ڄاڻين ٿي ته هن وڏيءَ ۾ ٻار کي پنهنجي پيءُ کان وڌيڪ عزت ۽ پيار جي ضرورت ٿيندي آهي، سو ته سندس پاڻن وٽان ڪڏهين مليو ٿي نه اٿس."

"ٻڌي وڃي مون عزت ۽ پيار، ملن نه ملن، اڪائي نه ملن، ماڻهو چلتو پرزو ٿي ڪم ته ڪيائي، ڪهڙي گهر جو ڇوڪرو، افعال ڪهڙا ٿو ڪري هلي..."

مون پاڙيسرڻ کي اشاري ۾ چپ ڪرڻ لاءِ چيو. پر ڪهڙي بيروزگار ڇوڪري جي پرواهه ڪرڻ ڪيس مون ڪين آڻي. مون ڦرو ڪڍي ڏنا ٿيس. چيائين، "ڏس ته، مهنجو ڏير ڪيئن وڏو ڪمائي. ڪسٽم وارن جي مٺ ڪوسي ڪري، اڄ ته الاهي مال ڇڏائي آيو آهي" ۽ مهنجي پيءُ طرف منهن ڪري چيائين، "دادا ڏسندا هلي مال؟ لوهاڻڪي دڪان لاءِ ڪجهه کپي؟" دادا اٺي ساڻس گڏ هليو ويو.

هيرو اڃا به رڌيو ٻڌي رهيو هو. پاڙيسرڻ جي وڃڻ تي رڌيو بند ڪري پڇيائين، "دادي پوءِ ڪيئن ٿي اچڻ ڏين، مولڪي گهر ۾؟"

منهنجا روم روم ڪڙا ٿي ويا. چيم، "هاءِ هاءِ! تو هن ٻاڙڻسرڻ جو هيڏو وڍڻ ڪيئن سٺو؟ ڪٿان آندءِ ايڏو صبر؟"

هو کلي رهيو هو، "ٻاهر ڇا ڇا سهڻو ٻولدو آهي ديدي! توکي ڪهڙي خبر؟"

اکيان اڳي هڪ ٻئي جي ڀرڙي مان قاتل سوٽ اکيان وڏاڻي ڇپائين، "ٻه ٽي ٽوپا ايندا، هٽي ڏيندين ڇا؟"

"ڏاهو ٿيءُ هيرا! اڄ مولکان هڪ سوٽ ونٽي وڃ."

مون وڏيءَ پيڻ وانگر حجت هلائي.

کلندي ڪنڌ لوڏيائين. مون ۾ الاجي ڇا آيس جو لپ ڀري وٺي سندس مکڙي لي.

مشين ڪٽي، جو سوٽ کي ڇٽيون لڳائڻ وينس ته محسوس ڪيم، هو مولکي ڪجهه پڙائڻ پيو چاهي.

الائي ڇو هوا کي ايڏو زور سان لڳڻ جو شوق اچي ٿيو هو جو هر هر منهنجا وار ڦٽائي چادرن جون ڪنڊون مٿي ڪندي ٿي وئي. سٽيءِ مان ڏاڍو ٽٽي پيو، رنڌڻي مان ٻاجي سڙڻ جي ٻانس اچي اڪ ساڙيو. خفي ٿـي چيم، "منهنجا روز روز جا هي ٽوپا ته ٺڳ ڪندڙ آهن. چار پنج سوٽ ٻه ٽئي رکين."

"سڀئي سڳو ڏي ته مان ٿي سڀ ونان."

دل ۾ چيم، "اڙي خود دار، ايڏي خود داري ڏيکاري ڪيڏو ڪاوڙائين تو، ڇاڻ اٿيئي؟" مگر مون

کي جو سڌ آهي ته هن جي دل ڏاڍي جذباتي آهي، سو ڪجهه نه چئي سگهي سائس. رلڻ ۾ وڃي اسٽو مان هوا ڪڍي آيس ۽ ٻاهر اچڻ تي ڏٺم، هو سڀئي سڳو ڪٺي سوٽ ڪسي ٽوپا ڏيئي رهيو. هوا سندس وارن کسي ٽرتانءُ ونڍي ڏيڻ لاءِ ڀڙڪائي رهي هئي. اپوڳا وار ۽ دا نيل اهڙا ٿي لڳا جهڙا بيگانا ٻار. ١٨ سالن جو قندن مڪڙو سڪي ويو هو، هڪ اهڙي وڏي جيان، جنهنکي پورو پاڻي ئي نه مليو هجي. چپ چاپ سندس مڪڙي کي تڪي رهي هئس، جو ڏندن سان سڳو چٻي چپاتين، "ان ڪري نه ڪنهن جو ٿڌو ٽورو نه ڪٽيندو آهيان."

مون سخت هار کاڌي. نه هن کان، پر ان انسان کان جو هر ڪنهن جي اندر ويٺو پڙ پڙ ڪري چوي، "مان صحيح آهيان، انصاف وارو آهيان، سچو آهيان." ۽ الاجي ڇا ڇا آهيان. پر هو سچ پچ ڇا آهي، ان جو پتو پئجي ويو.

هن ڏهين رپئي وارا ٻه نوٽ کيسي مان ڪڍي ڪٺي منهنجي هٿ تي رکيا. مون ۾ شڪ جاڳيو آخر بيروزگاريءَ جي سخت هوا هنجي چولي ۾ ٻه ٽنگ ڪري ٿي ڇڏيا. پيرن هيٺان زمين کسڪي ويئي. ساري گهبراهٽ کي لڪائي چيم ۽ بلڪل مسخريءَ ۾ چيم، "ڪنهن جو پاڪيٽ ته نه ماري آئيئي؟"

لاهڻ، رسٽي ۽ ٻيڙون وڪڻندڙن جو نه ڪڏهين کٽجيون
وڪڻندڙن جو جمت تي ويهڻ، هوٽل ۾ گراهڪن کي چانهه
پهچائڻ، لانڊريءَ ۾ استري ڪرڻ، مطلب هر قسم جي
ڏنڌي ۾ همت وجهي ڏٺو هئائين. سندس سياه جا سڀ
ڪنڊون پاسا لسا ٿي ويا هئا. اڄ نه ونس ايمان آهي،
نه گهٽتائيءَ جو احساس. نه ڪنهن کي ڏاڍو ٿو سمجهي
نه ننڍو.

ڪپڙا سادا آهن ته چاهي.... روٽيءَ جي وقت فقط ان
آن جي اوسل پاءُ مليو ته به چاهي... پر منهنجي لنهنجي
گهر ڪڏهين نه کائيندو. هڪ ڏينهن ان جو راز ٻڌيو
هو ماڻس. چيائين، "هڪ ڇاڇيءَ وقت، رڳو هڪڙي ڏينهن
چانهه پيتي هئم ته بس پٽي ڏينهن ڊر ۾ گهڙيس مس
نه چيائين، اڄ نه چانهه خلاص ٿي ويئي. جڏهن مان ونن
چانهه پيئڻ لاءِ ٿي ويو هوس. بس ان ڪانپوءِ ڪنهن
وقت ڪجهه به نه کائيندو آهيان."

مان چپ چاپ ٻڌي رهي هئس. هن کلي پڇيو
"ديدي ماڻهو نه سمجهندا نيگر اٿم.... پر توهان ڇا ٿي
سمجهيو؟"

"مان؟.... مان ته الڪي سومان ٿي سڏيندس..."

"سومان جي نه ديدي ڪنهن کي خبر ٿي ڪانهي!
سڀ اٿين ڳالهائيندا آهن جڏهن پئسا نه ڪمائي سگهڻ ۽
منهنجو ٿي ڏوهه آهي. عجب نه ان ٿان لڳندو آهي

جڏهن ڏسندو آهيان، سڀ ٻار به انهن تي هلندا آهن."

هن ٻال گوپال اڄ ڪيئن ڪٽي دل ڀڃي هئي مون اڳيان.... ڏسي عجب ٿي لڳم.

پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيائين، "ميٽرڪ پاس ڪرڻ لاءِ به ڇا گهٽ ڪوشش ڪئي هئي مون؟ مگر وس ئي نه هليو. منهنجو لاڙو هو ڊرائنگ ڏانهن. پر هتي هر ڪنهن کي سندس لاڙي مطابق تعليم ملي ڪٿي ٿي؟"

منهنجي اکين اڳيان اسڪولي ڏينهن واريون تصويرون ڦري ويون. هو ڊرائنگ ۾ سڀ کان هوشيار هو. انسپيڪشن جي ڏينهن ۾ هيرو سڪول جو شان ٻڌجي پوندو هو، باقي سال جي ٻين مهينن ۾ ڪير پڇندو به ڪونه هوس. گهر ۾ نه ماءُ نه پيءُ، نه وري پئسو. ان ڪري ڊرائنگ ۾ به ماهريت حاصل ڪري نه سگهيو. هڪ سٺي چترڪار بدران ڪاريگر ٺهي پيو هو. منهنجي من اندر ڪوئي مون کي ٽنولي ڪرڻ لڳو. "رڳو مست ٻڍي جوئي ڇو، ڪامڌينو جو به ته چتر چٽيو آهي نه هن ملڪ ۾!" چيم، "هيرا، تون به چلتو پرزو ٿي پئه، زندگي تو جهڙن لاءِ ناهي. هتي ڪامڌينو ٺاهڻ سان ڪم نه هلندو، مست ٻڍو ٿي هل." چوڻ ٿي نه هئي سڀ چئي ويس، پر اندر ڪوئي کلي چوڻ لڳو، تون به انهن تي سمجهين؟

ٿيري چيو، ”ڏٺي مان ھڪ نہ آھيان. مون جھڙا ايڪ انسان آھن، جي چلتو پرزا ناھن. ھو ڪامڏيندڙ جھڙا سادا آھن، ڪمي آھن. بيروزگاريءَ جي عرصي ۾ ڪيئين انسان مليا اٿم، جي مون سان سڀ ۾ سڪوڙجي سمھندا، پر ڪنھن جي مهرباني نہ کڻندا. پورھيو ڪندا رت ڏيندا پر چوري نہ ڪندا. ڏٺئي، اسين مست ٿيڻ وانگر پين کي لتاڙڻ نٿا چاھيون. پين جو درد جاڻون ٿا، انھن جو قدر اٿئون. ”انسان جو آھيون...“ ٿيرو اٿيو ساھہ کڻي چپ ٿي ويو؛ منھن جي من ۾ ھلندڙ ڪاليجي مترن جي اھٽ جو ليڙو ٿي ويو.

"بس ڪريو. ھوءِ اچي پيئي."

"گوپ صاحب! مون ٻڌي ورتو. ھاڻي اٿڻ ڇا لاءِ پيو ڪرين." شيلا ڪمري ۾ گھڙندي چيو.

"چڱو ڀلا ڇا ٻڌءِ شيل ٻاٻي." گوپ ڏاڙھي ٻوري لاھڻ ڪالسواءِ ئي ريزر رکي ڇڏيو.

"اڙي اھوئي تہ تون سيٺي کي بس ڪرڻ لاءِ چئي رھيو ھئين."

"ٻڌھن ٿھيو تہ ڪجھہ ڪونہ ٻڌو اٿيئي." گوپ وري

## ڪشميري ساڙھي

ڏاڙھي لاھڻ شروع ڪري ڇڏي. ڪمري ۾ وينل ٻيڻل سيٺي کان ٿورڪ لڪري ويو.

"اڙي واھہ سڀ گڏجي ٻيا ڪلو. مونکي ڇيڙائڻ جي سازش سٽي اٿو. وٺو مان بہ ٿو توھان سان گڏ ڪلان. وٺي تہ توھانجي سازش ٻيڪار."

"سازش جي سڪي! ھاڻي گھڻو ڪليئہ. جلدي سنڀر بہ سڄي ٿوائي کي ڪانفرنس لي دير ڪرائي ڇڏيندين." شيلا جي گھوٽ رام چيو.

هون، ٻهرين ٻولڪي ٻڌايو ته ڳالهه ڪهڙي آهي."
شيل ماٺو ڪيو.

بسترو وڇائڻ اڌ ۾ ڇڏي ليڪو چيو، "ٻڪي ٻدبل ٻاز آهين، ڳالهه ٻڌڻ لاءِ آتي آهين. ليڪن ٻاهران ڇوڻن ٻيٺي ته ويٺي ته لوهالجي سازش ٻيڪار."

شيلا جو منهن ورن ورن ٿيڻ لڳو پر ڪي وار لساڻ شروع ڪري ڇڏيائين. ٻگولتي جا هيٺرو وقت ڪل روڪي ويٺي هئي، تنهن ڪان شيلا جي شڪل ڏسي ٽهڪ لڪري ويو. شيلا جهٽ ڪيس جهپڪي ٻيٺي. سندس ڇوٽي ڇڪي ڇيائين، "سچي ڪر ته منهنجي ڪهڙيءَ ڳالهه تي ويٺا کلو."

ٻگولتي "اَلا اَلا، ٻيهه ٻلا ٻڌايانءِ ٿي،" چئي شيلا کان ڇوٽي ڇڏائي اڳيان ڪري، ڇوٽيءَ کي هٿ سان آروسي چيو، "لواهه لوهه. وڃاري ڇوٽيءَ کي ني ساٽو ڪري ڇڏيو اٿيئي.

"هاڻي ڇڏ اڳل، ڳالهه ڪر."

"ٻاڻي ڏس، ڳالهه ته مان ڪاله ٻڌائيندس. تنهنجي گهوٽ هڪ شرط هاراڻي آهي ۽ بس."

"۽ بس جي سگهي!" چئي وري شيل وڃي ٻگولتيءَ جي ڇوٽيءَ ۾ هٿ ني وڌو ته ٻگولتيءَ کان لڪري ويو ٻلا گهوٽ کان لڪائي ڇوريءَ ٻئسا کٽي ڇو آنينءَ."

"آچا اها ڳالهه آهي. منهنجي ٻراڻ منهنجي ٻيٽيءَ

جي تلاشي ورتي اٿو."

رام ماٺ ڪيو ويٺو هو. شيلا پڇيو، "تو هان پلا شرط ڇاجي هارائي؟"

"شرط پرط پوءِ پڇج. ٻهراڻ سنهري وٽ،" رام چيو. "نه ٻهراڻ موڪلي ڇڏايو."

"اڙي مون سمجهيو ته تون مون کان پئسا اڪائيندي ڪين آهين، پر دوست چون، زالو سياڻ کو وڃڻ جو آهي. مون به ڪٽي شرط رکي...." ان کان پوءِ رام هلڪو کليو. پر شيلا ڄاڻي ورتي ته رام کي دل ۾ ڏيو آهي.

پوءِ چيو، "اڙي ڀاڻ چڱو ٿيو ته جو تنهنجي پيٽي مان پئسا نڪتا. هتي ته سيٺي جي اهميت ٿنگ ڪٽي پيئي آهي. ڪشو ته سڀاڻي صبوح جو بمبئي واپس وڃڻ ٿو چاهي. هو ڪانفرنس لي اڄ پيراڻ پڌ ويو آهي."

شيلا جي همٿ مان ڦٽي ڪري پيئي. پٽ مان ڦٽي ڪٽندي چيائين، "هان، هوڙي ٿڌ ۾ چار ميل پڌ!"

گلاب پنهنجي ڏاهه ٺيڪ ڪندي چيو، "موڪي جي خبر هجي ها ته دهاڙي ۾ ڪاڏي پيٺي؟ ڀاڙن پڻن لاءِ ايترو خرچ اچي ويندو ته هتي ايشيا ته ڇا پر دنيا جي ليکڪن جي ڪانفرنس لي به ڪوله اچان ها. الهي خرچ جي معاملي ڪري ٿي ته سال بسال سفر ڪرڻ جي ڦري پاس به ريلوي وارن کان نه وٺندو آهيان."

ڪمري جو والو مندل ڪهيير ٿي ويو. ڪنهن پوءِ

جا ڏاڍا پٽي پڊا، ڪنهن سينڌ پٽي ڪيئي، ڪنهن ھميشہ پائيندي پائيندي قلم کڻي شعر لکڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. پر سڀ سُن هئا. رام ماٺ کي ٽوڙڻ لاءِ چيو، "وشنو ڀڳوان، تون اڄا سوڙ ڪڏهن ڇڏيندين. اندر ڪنوار کي وينو ياد ڪرين، ڪين ڪا کهاڻي وينو سوچين. جلدي اُٿ، اڃا نہ ڏاڙهي لاهڻ لي ڪلاڪ لڳائيندين."

وشني سوڙ پري ڦٽي ڪندي چيو، ڏاڙهي نہ اَدل راٽ جو ئي لاهي سمهيو هوس."

"۽ سنان؟"

"هفتيءَ ٽڪ پر روز ٿوروئي سنان ڪجو.

"چلو چٽي هو ڪئي. ٻڌهن اڄا پنج منٽ سمهي پئہ." رام کلي چيو.

وشنو سمهيو ڪين. اُٿي ڪانفرنس لي وڃڻ لاءِ ليار ٿيڻ لڳو.

شيلا ڏيري وارن ۾ ڦٽي کهاڻي رهي هئي. ليڪن سندس دماغ ۾ صبح وارو نظارو ڦري رهيو هو. هوءَ صبح جو سويل اُٿي لـل لي پيست ڪرڻ ويٺي هئي نہ ڪشو ڪانٽس لي اڳہ پينو ڏندڻ ڪري رهيو هو. سندس نظر زمين لي کتل هئي. شيلا چيو، "ڪشو، تون اڄ موڪو چو پيو لڳين." ڪشوءَ هڪ ڪن لاءِ پنهنجون ڳاڙهيون اکيون مٿي ڪيون. چيائين، "بس ســان اڄ

خلاص آهيان!" ۽ ڏندڻ ڦٽو ڪري گرڙاون ڪري لڪڙو لڪڙو هلڻو ويو. ان وقت نه ڪشوءَ جي خلاص هجڻ جو مطلب هوءَ سمجهي نه سگهي هئي. پر هيٺئر سندس ڪَن ۾ ڪوئي رڙاون ڪري چئي رهيو هـو. "اڄ ڪشوءَ جا ٽهڪ خلاص آهن."

ڪانفرنس جا پنج ڏينهن ڪشو ڪلندو ڪلانيندو رهيو هو. اڄا به ڏينهن اڳ جي ڳالهه هئي. ڪشوءَ چيو هو، "مان هتي قطب مدار نه ضرور ڏسندس." دوستن پڇيو هو، "ڇا لاءِ؟" ڪشوءَ چيو هو، "دل ئي ٿئي نه جڏهن دنيا هيل سوڌو مولڪي غريبيءَ جي وادين ۾ ڪريل ڏٺو آهي، اُن ڪان قطب مدار ٽان اتهي پاڻ ڪان گهٽو هيٺ ڏسان."

دوستن "خوب خوب" چئي وڏا وڏا ٽهڪ ڏنا هئا ۽ ڪشوءَ به خوب کليو هو. هڪ نه الين به چيو هو ته، "ڪشو قطب مدار تي چڙهڻ سان پڪ ئي پڪ عمدو شعر لکندو."

ان چوئين ۾ رهيون ٻڌندي شيلا جي اکين ۾ پاڻي آيو. دل ۾ چيائين، "ڪشو اڄ هيڏو رستو پنڌ ئي ويو آهي! چو نه هن جا ڪيسا خلاص آهن ۽ مهنجي پيتيءَ جي تري ۾ لنڊڙو ٻڌوليون ٻرابور آهي ۽ جڏهن ۾ پيل هوڪ اومت ۾ لڪل آهي هڪ تمنا - ڪشميري ساڙهي پائڻ جي تمنا!..."

"راڻـي صاحبا، اڄ ڪانفرنس ۾ ليکڪ ۽ آزاديءَ
جي وشيہ تي بحث آهي ۽ مان ان ۾ اهو ويچار پيش
ڪرڻ وارو آهيان تہ ليکڪن کي مٿي تي وارن رکڻ
کان آزادي ڏني وڃي."

هڪ وڏي ٺهڪڙي سان ڪمري جو گهيرو وايو منڊل
ڏٺي پيو. سڀني جا سهي سنهري اکي بس جي "ڪيوُ"
۾ بيٺا. ليکو، رام ۽ شيلا جي وچ ۾ بيٺو هو. ڪجهہ شيلا
جي پڙهڻ لاءِ ۽ ڪجهہ رام ڏانهن ڏسندي چيائين، "ڀڳونتي
کي تاج محل ڏسڻ لـي ڏاڍي دل آهي." رام مرڪي
چيو، "شڪر جو تنهنجي دل ناهي."

ليکو چپ چاپ، دکهي سڙڪ کـي تڪيندو رهيو.
شيلا ڦري وڃي ڀڳونتيءَ جي ڀر ۾ بيٺي. هن جو هٿ
پنهنجي هٿ ۾ وٺي تورو زور ڏيئي، سندس اکيـن ۾
ڏسڻ لڳي. ڀڳونتيءَ ڪاوڙ چيو، "ڇا ٿي ڏسين؟"

"ڏسان ٿي تاج محل جي ڏسڻ لاءِ تنهنجي اکين ۾
ڪيتري اڪير ڀريل آهي."

"پوءِ تہ نااميد ٿيڻو پوندءِ"

"ڇو؟"

"ڇو تہ منهنجون اکيون تہ پنهنجي پتيءَ کي ڀتـي
جي چنتائن کان آجو ۽ شاهجهان وانگر فلڪ وارو ڏسڻ
جي اڪير سان ڀري پريون پيئون آهن."

"پر ليکوءَ جي اکين ۾ تہ صرف تنهنجون تـمنائون

ٻوريون ڪرڻ جي اُڪير ٻري پيئي آهي....“

هُن اچي ويٺي. پيگولتيءَ شيلا جا ٻولاڻ لفظ شايد ڪين ٻڌا ۽ ٻڌي سگهيون هُت هُت ۾ ڏٺي اُس ۾ وڃي چڙهي ويٺيون. اُس هلندي رهي. ٻئي سگهيون ڪيترو وقت پنهنجن خيالن ۾ محو هيون. آخر شيلا پيگولتيءَ کي ٿونٺ هڻي چيو، ”ڪجهه سوچين پيئي ڇا؟“

”جاڳي اجهي نه ڪاله ٿي سوچيان، پر سوچ ويچار جون لهرون خود بخود وڃيو تاجمحل سان ٽڪرائين. جيڪڏهن توهان سيٺيءَ جي سنگت جو موهه ڇڏي وڃي چاچيءَ جي گهر ٽڪون ها نه جيڪر ڪاڏي پيتي جو خرچ بچائي سگهون ها.“

شيلا کان ٻ گهو ساهه کڻي ويو. ڪانفرنس جي هال ۾ پهچڻ تائين وري ٻئي چپ رهيون. سڀ جڏهن هال ۾ اندر وڃي ويٺا ته رام ٻر ۾ ويٺل شيلا کان پڇيو، ”توکي وري ڇا ٿيو؟“

”ڪجهه ڪين.“

”ڏاڍي مونجهاري ۾ پيئي ڏسجين.“

”توبه، شڪل پڙهڻ ته شل نه ڪير سگهي. توهان کان ته هاڻي ڪجهه نٿو لڪائي سگهجي.“ شيلا پنهنجي جي منهن ۾ ڏسي مرڪڻ لڳي. آهستي چيائين، ”ڪنهن کي قطب منار ڏسڻ جي چاهنا آهي. پيگولتيءَ کي تاج محل ڏسڻ لي دل آهي ۽ مونکي ڪشميري ساڙهي

پاڻ جي تمنا آهي. ليڪن منهنجي ٻنهي نيڻن ۾ اهڙا سپنا ڪٿي آهن جو نهي جون خواهشون پوريون ٿي سگهن!...."

رام جي پاسي ۾ ويٺل لهوءَ چيو، مهربان، ڳالهيون گهر هلي ڪجو. هتان ليڪچر نه ٻڌو."

پر شيلا جو من ليڪچر ۾ لڳو. هوءَ تصور ئي تصور ۾ وڃي امبئي واري ننڍڙي گهر ۾ پهتي، جتي سندس ساهيڙي لهو پنهنجي ڪشميري ساڙهيءَ جو پلئه شيلا جي ڪلهي تي لڙڪائي چئي رهي هئي، "هيءَ ڇهڙي ساڙهي دهليءَ مان ضرور وٺي اچج. ٻئي جيئون هڪ جهڙي ساڙهي پائي فلڪ سان گهمنداسين." هوءَ اڃا الاجي ڪيترو وقت سوچڻ ۾ محو رهي ها، جو رام ڪٺي اٿر فون سندس ڪن تي رکيو. روسي ليکڪ ڳالهائي رهيو هو، "اسان جي ملڪ ۾ ليکڪ کي لکڻ لاءِ پنهنجي آجيوڪا جي چنتا ۽ سندس ڪتابن جي ڇپجڻ جي چنتا کان آزادي آهي...." شيلا جون اکيون ازخود ڪشوءَ ڏانهن کڄي ويون، جنهن جون اکيون آجيوڪا جي تلاش ۾ ڀٽڪندي ڏرا ڏيئي ويٺيون هيون.

شيلا ڌيان لڳائي ليڪچر ٻڌڻ لڳي-"....اسان جي ملڪ ۾ ڪو به ليکڪ ڪنهن به جڳهه جو مشاهدو ماڻڻ چاهي ته سندس خرچ سرڪار ڀريندي آهي. هن کي اهڙي چنتا نه ڪرڻي پوندي آهي...."

شيلا جون اکيون وڃي ٻر ۾ ويٺل سڪيءَ جي منهن ۾

ڪيئون. ٻگولتي شيلا طرف ڪنڌ جهڪائي چيو، وري
ڇا ويٺي ڏسي منهنجي هٿن ۾؟"

شيلا، ٻگولتيءَ جي هٿ کي ٿپڪي هڻي چيو،
"تون شاهه جهان ۽ ممتاز جي محبت جو محل ڏسڻ ٿي
چاهين نه....؟"

"نه شيل، مان شاهه جهان ۽ ممتاز جي محبت جو
محل ڪٿي ٿي ڏسڻ چاهيان!" ٻگولتيءَ چيو.

شيلا وائڙي ٿي ٻگولتيءَ جي چهري کي تڪڻ لڳي.
"مان ته انهن محنت ڪش هٿن جي پورهئي جو پرتاپ
ڏسڻ ٿي چاهيان جي منهنجي ڏيهه جي هٿن جيان پيارا
هئا، جن پنهنجن ٻچن ۾ رهندڙ پريتمائن کي زنده رکڻ
لاءِ ۽ پنهنجن انهن کي سيءَ کان بچائڻ لاءِ محنت
ڪري، هي محبت جو محل کڙو ڪيو هو.

شيلا هڪ پيار ڀري نگاهه ٻگولتيءَ ڏي وجهي دل ۾
چيو، ڪهڙي نه سهڻي ٽمڙا!" ۽ اندر ۾ ڪوئي فيصلو
ڪري ورتائين. ان کان پوءِ سندس من شانت ٿي ويو
۽ ڪيترن ليکڪن جا ويکيان ٻڌندي رهي، جن ۾ لکڻ
لاءِ آجيوڪا جي اولي کان آزادي ۽ گهمڻ ڦرڻ ۽ سوچڻ
ويچارڻ جي آزاديءَ لئي زور ڏنل هو.

رات جو ڪانفرنس تان موٽي شيلا ڪپڙا به ڪونه
بدلايا. ٻهرائين ٻهرائين وڃي پنهنجي پيتيءَ مان لفيڙو
ٻٽوٽوون ڪڍيائين. ان مان ڪجهه رپيا ڪڍي ڪشوءَ

جي پيٽيءَ ۾ وجهي ڇڏيائين. سڀ دوست ڪانفرنس جي ڪارگذارن جي ٽيڪاٽپڻي ڪرڻ ۾ مشغول هئا. شيلا ڀڳونتيءَ کي ٻاهر وٺي وئي. سندس ساڙهيءَ جي پلئه ۾ باقي ٻيا ريا ٻڌي ڇڏيائين. ڀڳونتيءَ اکين ۾ مرڪ ڀري پڇيو "اهو ڇا؟"

"تاج محل..." شيلا وڌيڪ چئي نه سگهي. ٻئي سکيون گلي مليون ته سندن اکين ۾ چلڪي رهيو هو شفاف جل ۽ دل ۾ چلڪي رهي هئي هڪ اٿاهه خوشي!

ڀڳونتيءَ جي هلي وڃڻ کان پوءِ شيلا دالان جي سرد ڏاڪڻ تي ويهي رهي. پري کان وٺي ڪمري منجهان دوستن جو ٽهڪڙو وارو مدبل جـي سرديءَ ۾ ڪجهه گرمي آڻي گم ٿي ٿي ويو. اوچتو ڪنهن اچي ڪيس هٿ کان ورتو شيلا ڇرڪي وئي.

"اڙي ڪيو ٿي ڇا اٿم جـو ڇرڪي وئينءَ؟" رام چيو. شيلا شرمائجي وئي. رام به سندس ڀر ۾ ويهي رهيو. چيائين، "هي ٻڌوٿون... تو مون کان پئسا ڇو لڪايا شيل؟"

شيلا پنهنجي چپ کي چڪ پائي چيو، "توهان کي ان ڪري شرط هارائڻي پيئي، ان جو مونکي ڏاڍو ڏک آهي."

"پر ٻڌوٿون ته خالي پيو آهي. پئسا ڪيڏانهن ويا؟" "مون ڪشوءَ ۽ ڀڳونتيءَ کي ڏيئي ڇڏيا."

رام ٻوڏ ۾ ٻڏجي شيلا جو هٿ پنهنجن هٿن ۾ وٺي چيو، "ائين؟... تڏهن مون دوستن کان شرط کٽي ورتي."

چوندا آهن ته ڌيءُ شل راڄا کي به نه ڄمي؟ ٻـــر
گوليءَ کي لـــ ڌيئر هجن. هڪ سگهي ۽ ٻي مانيلي.
الاجي ڪٿان وياڄاريءَ ٻنهي کي ٻاڙهي ڳاڙهي وڏو ڪيو
هو. عمر ۾ ٻه سال ٻن جو مس فرق هون. اڄ سگهي ڌيءُ
جي مڱڻي جي ڳالهه ٿيڻي هئي. گوليءَ ڪيڪن پيسٽرين
۽ سڪي فروٽ سان پليٽون ڀري مٿان ريشمي رومال
وجهي ڇڏيو هو. ساوتري ۽ سروج، ٽيڻ واري گهوٽ جون
وڏيون ڀيڻر هيون. جي اڄ ڇوڪريءَ ڏسڻ لاءِ اچڻيون هيون.

# املھ ماڻڪن جو واپار!

ڪين در ۾ ٻيهر وجهندو ڏسي گوليءَ اهڙيءَ طرح اُٿي اڙي
ٿي جيئن پليٽن تان رومال جي ڪنڊ کڄهه مٿي ٿي
وڃي. شايد گهوٽيڻن کي ڏيکارڻ ٿي چاهيائين ته ڀاڳ
ڪيتري نه ڀري پائي آهي. ڀري ڪان ٿي وڏي واڪي
چيائين، اچو ڀلي آيون، جيءُ آيون، ڏاڍي اوير ڪري
آيون آهيو."

سروج جا ٻدن ۾ ڳري هئي، تنهن پنهنجي سر ٻڙ کي

ڪنڌ جي ڏوڻ جيان، ڪرسيءَ تي اُڀلي سهڪندي چيو، ”مائي ڳالهه ئي نه پڇ، لڪيون نه سوڀل هيوسين، ٻر ڏسين ٿي اڄڪلهه لڳو ڇا پيو آهي! شل نه ڪو ڇوڪرو ولائت مان لهي، زالون، ڇوڪريون ڏيکارڻ لاءِ اصل ڇت ٻه ڇڏيو وڃن. ساوتري ڇو گهٽ ٻوي، تڏهن چيو، ”ڀيڻ اڄ ڪلهه ڏيٺر ٿي پيئون آهن ٻوڄو، سو سيڪا ڇوي اول مڏهڄي وار ٻوي.“

ساوتريءَ، ڪنوار ماءُ کي جهڪائڻ جي شروعات ته ڇڱي ڪئي، ٻر اندر وارو ڪانئڻ لڳس ته جڏهن زال، ڪارائڻ لاءِ هيڏا ٽول رکيا آهن، سا ٻاڻءم جو ڀڳهار ٻڌلڊيٽي ٻڙ ته ڪيڏي ٻيهي ڀا ڇوي، مڏهڄي ڏيءُ ٻه ٻه ٽي سؤ وٺي ڪمائي، مون لي ڪهڙو ٻوجو آهي.“

ڪنوار ماءُ اڃا ڪڇيٽي ڪڇي ته سروج سندس شڪل ۾ شور ڏسي پيو ٽير اُڇليو- ”ڀيڻ ساوتريءَ جو ڇوڻ ٻاڻ ڏي مڻان ڇڪين. تو ته ڏيٺر لاڏي ڪوڏي ٻاليون آهن. توتي ڇاجو ٻوجو آهن. تون تي ٻڌو انءم ڏيندينءَ ٻه سيڪي.“ ٻر دل ۾ ڇيائين، ”موڳهڙس، ٻانيڻ اڇي ٻالهن لاءِ محتاج ٿيو آهي. ساوتري ته الاجي ڇا ٻيٽي ڇوي. اڄ ڪلهه ڇوريون ته ٻيٺون ڪمائين، سو ڪنهن تي ٻار ٻوجو ڇو ٿينديون. هاڻي شل ٿهيو جڙيو ڪم نه ٻگڙي وڃي.“

ساوتري ٿوري ککي وکي ٿي وٺي، ٻر ٻم وکي چيائين،

”مون نه پنهنجي ڀاڙي واريءَ جي ڳالهه ٻي ڪئي. ڊر کان نڪتاسين نه ڀائن جهلي بيٺي رهي، چي: مون پنهنجي ڀاڻيجي گهرائي آهي، ٻهران ان کي اک مان ڪڍي وڃو.“

گوپيءَ جي هٿن مان ڄڻ ڪجهه ڪري پيو. ڇاتيءَ ۾ اچي سور اٿيس. جڏهن ڪملي اڃا ننڍڙي ۾ هئي، تڏهن کان وٺي هنجي دل ۾ سڪ جاڳي هئي ته ڌيءَ پرڻبي، ناٺي ايندو، رهه چهه لڳي ويندي. ليڪن ڇوڪريءَ اڄ ٢٤ سالن ۾ پير رکيو هو، تڏهن ٻه ڪو نڪر اٿي ٿيو. سو ماءُ کي جهوري لڳي ويٺي هئي. ٻي ڇوڪري ڏسي اچڻ جو ٻڌي من نه لپي ويو هوس. جيڪر ذري گهٽ چٽي ڏنين ها، ”ڇوڪري ڏسي آيون آهيو ته مولومت وري ڇا لاءِ آيون آهيو.“ ٻر ڇاتيءَ تي هٿ رکي سور ٻيهڻ لاءِ چيائين، ”سري رام!“

سروج، ڪنوار ماءُ جي هيءَ حالت ٻڌي، دل ۾ خوش ٿي چيائين، ”هاڻي تو ماٺيءَ کي ڇاتيءَ ۾ سور پوي. ٻي ڇوڪري ڏسي اچڻ جو ڪشو نه هٿون نه اچڪلهه ڪنوار ماءُ کان ڏٺي ليئي سؤلو ٿو روئي ڇڏائي سگهبي.“ ۽ يڪدم منو منهن بڻائي چيائين، ”ڇو منڙي، ڇاتيءَ ۾ سور اٿيئي ڇا؟“

ڪنوار ماءُ گهٽ ڪمائيندڙ مڙس جا ڏک ياد ڪري ٻاهرئون ٻڌو رکي ڏکاري آواز ۾ چيو، ”سڪ نه آيار اٿم نه ٻ، ڊاڪٽر چوي، دل تي خوشي رکس، ته نه دل جي

ٻيماري ۾ پوندءِ."

ساوتري پنهنجي ننڍڙيءَ ڌيءُ کي به وٺي آئي هئي، جا هر هر ڪاڏي جي شين طرف نهاري رهي هئي. هيئنر ته آڱر سان اشارو ڪري ماءُ جو پلئُ به ڇڪڻ لڳي. گوپي پرچي وئي. دل ۾ چيائين، "ڇوڪري ڏسڻ آيون آهيو ته هيءَ ٻوڪڙُ الي وري ڇو کڻي آيون آهيو؟ هان وٺ، رت ڪر، ٽي آني جي پيسري!" هڪڙي پيسري ڪڍي ٻارڙيءَ کي هٿ ۾ ڏنائين. مٿان ڳراهٽڙي پائي چيائين، "ڪهڙي نه وڻندڙ ڇوڪري آهي!"

ٻر ميڻوءَ جو ورلي اهڙي چيز ڪاڏي هوندي، تنهن سڌو سڌو طوطلي زبان ۾ چيو، "مفت ۾ ٿي ڏين ته، اچين پيچا ڪوله ڏيندا ڇون."

گوپي نه سڙي رک ٿي وئي ته جنجو ٻڻ ڀهڙو ٻيڙو ٽن وٽ ڇوڪري جا ڏٺي. مٿان چيائين، "چڱي ڀاول ڇوڪري آهي. پنهن خرچڻ جو نه ڏس ٻه ٽئو وٺيس."

ساوتري هيءَ ٽير سهاري وئي. ڳالهه بدلائي چيائين، "پيڻ، تون نه پنهنجي رکمڻيءَ کي سڏ ڪر، ڏاڍي اوير ٿيندي ٿي وڃي."

ڪنوار ماءُ خارن مان سڏ ڪيو، "سولي سولي پٽ چاڙهه ته ڪڻي اچ."

سروج ۽ ساوتريءَ جا ٽاڪ ٽي لڳي ويا. هڪ ٻئي

ڏي نهاري اشارن ۾ پڇڻ لڳيون، ”سوايي“ ڇا جي؟ مائٽن واريءَ نه ڇيو هو ڇوڪريءَ جو لالو ”رڪمڻي“ آهي! ساوتري نه سورج کي شوڪڻ لڳي ته ڏس گھڻو ٺاهي آيا سين ته پيي ڇوڪري به ڏسي آيا آهيون ته هيءَ زال پنهنجي ڇوڪري لئي ڏيکاري. سورج جو منهن لهي ويو. دل ۾ پيئي چوي: مون ته وڏيڪ ڏيتي ليتي ڇڏائڻ لاءِ ڊپ ڏنو ماڻس. موڪلي کهڙي خبر ته مائي ههڙي ٺريناڪ آهي.

هاڻ گوپيءَ جي خوش ٿيڻ جو وارو هو. گھونگھٽن جون لطرون ڏسي دل ئي دل ۾ موڙو ڏيندي چيائين، ”توهان جهڙن ڪٽلن کي پنهنجي سڳي ڌيءَ ٿورو ئي ڏيندس، مانيجي ڌيءَ وڏي وڻ ٿي وئي آهي، ڪپڙو ته اها ڏسي وجهو.“

اهو سوچي گوپيءَ کلي چيو، ”ها ها، لالو ته رڪمڻي آئس پر پڙس لاڏ مان چوندو آئس. آهي به سون جو ٽڪر.“ پر سونيءَ کي ٻري ۾ چاهه جا ڪوپ آڻيندو ڏسي دل ۾ چيائين: ڇوري ٽوڙ جو سون آهي. ڪاري بلا سا آهي جهڙي اندر ڪاري تهڙي ٻاهر اماڙي.

پڻي گھونگھٽيون ته ڇوڪريءَ کي ڏهن ڪسان وٺي چوٽيءَ ٿائين انهن جا چڻ لڳيون جڻ ٽڪر جو ٽاڪو خريد ڪرڻ آيون هيون. ليڪن سورج اکيون ڪاپار ۾ چاڙهي چيو، ڌيءَ ته ڪير بي جڻي اٿيئي. آهي برابر

چوندا آهن ته ڌيءُ شل راڄا کي به نه ڄمي. ٻر گوپيءَ کي ته ڏهه ڌيئر هيون. هڪ سڀني ۾ ٻي مائلي. الاجي ڪٿان ويچاريءَ ٻنهي کي پاڙهي ڳاڙهي وڏو ڪيو هو. عمر ۾ ٻه سال ٻن جو مس فرق هون. اڄ سڀني ڌيءَ جي مڱڻي جي ٻڪ ٽيڪي هئي. گوپيءَ ڪٿان پيسا آڻي ۽ سڪي فروٽ سان پليٽون ڀري مٿن ريشمي رومال وجهي ڇڏيو هو. ساوتري ۽ سروج، ٽيڻ واري گهوٽ جون وڏيون ڀينر هيون. جي اڄ ڇوڪريءَ ڏسڻ لاء اچڻيون هيون.

# املهه ماڻڪن جو واپار!

ڪين در ۾ پير وجهندو ڏسي گوپي اهڙيءَ طرح اٿي کڙي ٿي جيئن پليٽن تان رومال جي ڪنڊ کڄي، مٿي ٿي وڃي. شايد گهوٽيٽن کي ڏيکارڻ ٿي چاهيائين ته ٻاڪ ڪيتري نه ڀري ڀاڳي آهي. ڀري ڪان ٿي وڏي واڪي چيائين، اچو ڀلي آيون، جيءُ آيون، ڏاڍي اوير ڪري آيون آهيو."

سروج جا بدن ۾ ڳري هئي، تنهن پنهنجي سر ٻر کي

سون جو ٽڪر!"

گوبي وجهلجي ويئي. دل ۾ چيائين، "ڪير ٻي ڪانه ڇڏيندم باقي ٻهر جا ٻڪ ڀــري سو ٻاليو ٿمانس. سو ٻه زالن جو مڙهن لــ وجهڻي ڪوله ٿو. سڪڻو چون ٿيون ٻرابر سون جو ٽڪر آهي. هاڻي جي وٽي اڻن نه ڪٽي ڪيڪ ايڪ ڪني منو واٽ ڪن ته مان ٻــ سمجهان، هڪڙو ٻوجو لٿو." ڏيء ڪان چاهه جي ٽري وٺي مٿي لي رکي شين جون ٻليٽون سٽري چيائين، "ٻري، توهان نه واٽ ٻه ڪوله چوريو آهي، ڪڻو ڪڻو هي ٽول نه واٽ ۾ وجهو، وري چاهه نه ٽري وجي."

ساوتري نه چوڪري ڏسي اچي ٻتلجي هئي. دل ۾ ٻيئي چــوي، "ڪوئي لڏي هيڊ ڳڙي، چــي مان ٻه ٻساري. چوڪريء ڪي اڪو روش، لڪا اُچاڻ، چـــي سون جو ٽڪر آهي. ساڙهي نه اهڙي ٻالي اٿس، جهڙي ڳجراڻ ٻيئي لڳي. چوريء ٻاڙي مان ٻه لٿي ڪٽي ڪا اڏاري سڌاري ساڙهي وٺي ٻائي." سروج چيو، "سٺي چوڪري آهي نه اهڙي جهڙي ساڙهيءَ ۾ ٻه ٻيئي سولهين."

گوبيءَ چيو، "لڏهن وري چا. دادس نه چولدو آهي هيءَ ڏيء ساڙهيءَ ۾ ٽي اگهامي وٻندي. ٻر مان چولدي آهيان، سڪڻي ڏيء ٿوروٽي ڏٻي. چولدا آهن ماءُ جدب ٻيهاڪ له ٻه ڏيء آساٽتي، سو مالت ڪوڏٻڻ ڪان رهندو."

گوبيءَ هي سب، ٻڌهي جي اٿل مڙهن کي ڏسي چيو. ٻر

ڇولدا آهن ته ڏيءُ شل راجا کي ٻه ٻه جميءَ ٻـــر
گوليءَ کي لـــ ڏ ٻئر هيون. هڪ سگهي ۽ ٻي مائلي.
الاجي ڪٿان ويچاريءَ ٻنهي کي ٻاڙهي ڳاڙهي وڏو ڪيو
هو. عمر ۾ ٻه سال ٻن جو مس فرق هون. اڄ سگهي ڏيءُ
جي مڱڻي جي ٻڪ ٽيڪي هئي. گوليءَ ڪپڪن پيسٽرلن
۽ سڪي فروٽ سان ڀليٽون ڀري مٿان ريشمي رومال
وجهي ڇڏيو هو. ساورٽي ۽ سروج، ٽيڪ واري گهوٽ جون
وڏيون ڀيڻر هيون. جي اڄ ڇوڪريءَ ڏسڻ لاءِ اچڻيون هيون.

# املوه ماڻڪن جو واپار!

ڪين در ۾ پير وجهندو ڏسي گوليءَ اهڙيءَ طرح اٿي ٽڙي
تي جيئن ٿاليون ٿان رومال جي ڪٽڪ ڪجهه مٿي ٿي
وڃي. شايد گهوٽيڻ کي ڏيکارڻ تي چاهيائين ته ٿالن
ڪيتري نه ڀري ڀاڳي آهي. ڀري ڪان ٿي وڏي واڪي
چيائين، اچو ڀلي آيون، جيءَ آيون، ڏاڍي اوير ڪري
آيون آهيو."

سروج جا ٻڌن ۾ ڳري هئي، تنهن ٻنهي جي سر ٻر کي

دل ۾ چيائين، ”ماڻهن ۾ وٽ لهي ويا آٿؤ، ڪٿي قرض وٺي ٿورو گهڻو ڏيندس. باقي چوري ڪٽي ته مون وٽان بلا ٿري.“

سروج اٿري ۾ گوپي جي چوڙن کي هٿ لائي چيو، ”امولو ته ڏاڍو سٺو گهڙايو اٿيئي. ڏيءُ کي ته هيرن جو ڪنگڻ ڏيندينءَ، پيا ڏاڍا سڪون ته آهن ئي آهن.“

هيٺئر گوپي جي غصي جو پارو چوٽ چڙهي ويو. دل ئي دل ۾ آيان کي حرف ٻڌڻ لڳي. چي، ”ڏکيون ٻکيون مٺهنجن چوڙن ۾ ڇو اکيون وڌيون اٿـــوَ. ليڪي لوٽڪ ۾ ڪاله مٺهنجو ٿالو سون پائي. مٺو ڪٺل چٺو ڪجي گهڻو. هاڻي هيرن جو ڪنگڻ ڪپين.“ ليڪن ساڳـــئي وقت مٺان منهن ڪوڙي مرڪ آڻي چيائين، ”بابا هي ته آهن املهه ماڻڪن جا واپار، جيڪي چوڪريءَ لهڻو هوندو سو وٺندي. ٻيو اسان ڪـان هيـرا ٻيـرا ڪٿان پڇندا؟“

سولي، جا چانهه رکي ڪرسيءَ تي ويهي رهي هئي، لهنجا ڪن تي ڳالهه تي ويا. سندس وڪرو ته اهڙيءَ طرح ٿڪي ٿورڪي ئي رهيو هو جو ٿڪر جي ٽالوَ جو به مشڪل ٿيندو هوندو.

ساوتريءَ چوڪريءَ کان پڇيو، ”ڏيءُ گهڻا انگريزي درجا پڙهي آهين؟“

سولا بلڪل اهنائيءَ مان وراڻيو، ”مئٽرڪ پاس

ڪٿي اٿم."

سروج کي ڇوڪريءَ جي مٽرڪ پاس ھجڻ جي ڳالھ ڪين آئڙي. مٺھن ڪٺي ڇبو ڪيائين. دل ڇيس، جي ھيءَ ٻوٺي ڇوي مٽرڪ پاس ڪٿي اٿم تہ ڇٿي ڏيس مھنجو پاءُ ٻہ ڪاليجون پڙھيو آھي، ھل. سو ڇوڪريءَ جي ماءُ ڏي مٺھن ڪري ڇيائين، "اساڄو ھيرو ٻہ ڪاليجون پاس ڪري ٻوھ ولائت ويو ھو. ٻر جي ڇوڪريءَ جي مٽرڪ پاس ڪٿي آھي تہ نوڪري ٻہ ڪندي ھوندي؟"

گوٻي ھيڊٽر آئي ٻيٺي. ڇيائين، "نہ بابا. نوڪري اساڄي آٻن ڏاڏن ڪٿي جو ھي ڪندٻون. ڪٺو ڪٺو ڇالھ ٻيٺو." سندس لفظن ۾ اھڙي ھڏي ھٽي، جڻ ڇٿي رھي ھٿي، "نوھان ٻہ مانٽي ڪٿي. ڇوڪري ڪيھڙ نوڪري ڪندڙ. مٿان ھيري جو ڇورو ڪپي. ڇوڪري لاء لڏھن سچ ٻڌو اٿم تہ ڪو سيٺ ڪٺيس ٿي اٿو. ھاڻي ڪمائيندڙ ڇوڪري اڇي ڇوري کي ڪٿي ڪارائي- رڳو ڇالھ ٻي روالبون ٿي وڃو. ڪيڪ ٻيسٽرٻون نہ ڪانو تہ نہ ڪانو. آھن اھيڻٽي مسواڙ ٿي گھرايل."

سروج ۽ ساوتريءَ جا مٺھن لھي ويا. رکي ٻيٺڻ لڳيون. اڪيون سي رکيل ٻليٽن ۾ ھين. ٻر گوٻي ڪين ڪاٺڻ لاء ڇوي ڇو ٿي- ڇوي ٻہ ڪيٺن؟ جي منو واٽ ٿي ڪرائين تہ ڇولدٻون ھگٺو ٿيو ۽ وري ھيڏي واٽ

ڦاٽڻ جو هوءَ ڪٿان پئي پڙهندي. پوءِ ته، هلجي ويندو ماڻهن ۾ وري ٽٽي. گوپيءَ کي اڳي به ٻن ڏهن اهڙو آزمودو ملي چڪو هو.

اينتري ۾ هڪڙيءَ ڇوڪريءَ ڪڙو ڪڙو اندر اچي چيو، "سوني، ڪما ڪٿي آهي؟" بس سڀني جا منهن ۾ ڦري ويا. گوپي ٻه ٽيئس ته ڏسڪجي وئون. سروج ٻه ساوتري چانهه جا ڪوپ اڌ ۾ ڇڏي شوخ شڪلين ڪري اٿي ڪڙيون ٽيون. ڇڙ اکين ۾ اکين سان چوندين ۾ وئون "هل ڙي دغاباز". هڪ جي بدران ٻي ڇوڪري ڏيکاري ائيئي." ڪا مهانڊا ڪٽي گوپيءَ کي چيائون، "اسين هلون ٿا."

شيلا ميز تي هڪڙو ڪتاب رکي چيو، "معاف ڪجو سوني مان وڃان ٿي. لون آفيس مان سويل ۾ موڪل وٺي ويٺين. تنهنجو ڪتاب واپس ڏيڻ آئي آهيان، ڇم مٿان لئبرريءَ ۾ ڏيڻو هجيئي."

هيئنئر سوني ٻاڻ سنڀالي چڪي هئي. اٿي ساهيڙيءَ کي هٿ کان وٺي ٻئي ڪمري ۾ هلي وئي. ٻنهيان فقط هڪ سرد آهه ڇڏي وئي جنهنجو ٻراڏو ڪمري جي ديوارين سان ٽڪرجي پرلڏو ٿاڻين تي اوچتو ٻاڻي پوڻ جهڙو سرسامت ڪندو رهيو. گوپي ڪيتري دير تائين سن ۾ ڪرسيءَ تي ويٺي رهي.

سنڌ مان لڏڻ بعد گنگارام ۽ سوڀراج جڏهن زالن کي ڪئمپ ۾ اچي رهايو، تڏهن ڏٺائون، هر ڪنهن ڳالهه تي گڏجي مورچو ٺاهي ڪڙ-ون ٿي ٿي وٺئون. چي، ”اسين نه رهنديونسين هتي. هيڏا هيڏا ڪوئا، جڪان بليون ۽ ٻيئون ڪن هٽن! ٿلن جــو آزار! ڪاڪوس ڪدا. هن لوڳ ۾ ڪيئن رهي سگهبو؟“ ٻائر ٻئي ٻـــ ساڳهون صف ٺاهي ويهندا هئا. چي، ”هيٺر ٺنڊو ڏاري ڪريون، ڪين توهانجي لاءِ سنڌ واري صاحبي موٽائي

# ”جڻ ڪوئي مري ويو آهي“

وٺي اچون...“

سنڌ ۾ جدا رهندڙ ڏيراڻيون هتي لئين سر جو هڪ ٻئي جي ڀر ۾ اچي رهيون نه جهڙيون ساهيڙيون. ڀاڄي رڌين نه هڪ ٻئي کي ضرور ڏين، ٻاهر ڪن نه ته سڏي سڏ، ٻاٽي ٻرن تـــ هڪ ٻئي لاءِ لمبر تي مورائو رکي ڇڏين. خريداري ڪرڻ اڪرن نه ته گڏ هجن ٿي هجن.

سڀ کان وڏو سک ڏيراڻين، هڪ ٻئي کي ولم سيتم تي ڏنو. ممتي مائٽ نه ويجهو هئن ڪين، اڪري هڪ

هيون. رلدا نہ ڪئمپ ۾ ٽي پيءُ سان ٻـا چاچيءَ سان فلم ڏسي ايندي هئي پر ايشور امبٽيءَ جا وڏا ٽڪيٽ ڏنا هئا. هڪ ڀيري رلدا چيس، "ڪڏهن اٿين ته چيو اٿيٽي نہ هل توکي اپسرا ڏيکاري اچان!"

ايشور کن ٻڪڙي گوشائتو چيو، "توکي ٻابا ڪير وٺي هلي. سڀرا ٻاوه جيڏي ٻکهي نہ ٽي وڃي آهين. دادا ٻڌي نہ دٻ ڪيي."

"ٻُ لون ٻہ نہ دليپ ڪمار ٻيو لڳين. دادا جڻ توکي ڪجھ چولدو آهي، چئہ نہ ڪيسو خالي آٽيٽي."

"هي، چپ ڪر چپ! ٻهڻجو لـــہ هاٽي ٻئڪ ۾ اڪائونٽ ۽ کلي ويو آهي."

"مان ٽي وڃي ٻابا سان وڙهان."

"ٻڌ ٻڌ. هڪڙو شرط. گهر ۾ ڪنهنکي سڌ نہ ٻوي نہ ٻوء وٺي هلانءِ."

گهر ۾ فرصت سا ڪنهنکي رهي هئي خبر لهڻ جي. ايشور، دوستن سان ٻڪڙڪ جو ٻهانو ۽ رلدا، ساهيڙين سان ٻڪچر ڏسڻ جو سانگ رچيو. لاجونتي آنا ڪالي ڪئي نہ ڏيءُ ڪاڏو نہ ڪانڻ جي ڏمڪي ڏني. لاجونتيءَ ٻاهـــہ چئبي، "چوريون ڪي ڻيون آهيو؟ اڻـــو ڪو ڏرم ڪرم، ڪو ٻدو ٻوٽي، ڪـا شيوا ٻوڄا! ٻس جيڻو ڻيون، رڳو ڪاڻڻ ٻيٽڻ ۽ رلڻ ٻڌڻ لاءِ!"

"سڀڪو ڏينهن نہ توهانجي ٻارن جي شيوا ٽي ڪجي.

پڙهڻ ۾ انڪري چڙ اچي وڃيس. اڇا ڇا ڪريان؟"
چوندي چوندي رتنا جا لڙڪ لڙي آيا.

"چڱو وڃاڻ ۽ وڃاڻ، واهه - وڪيل!"

رتنا ڏاڍو تڪڙ تڪڙ ۾ سڀ ڪم پورو ڪري ورتو. لاجونتيءَ وڃڻ مهل چيس، "ڇوري ڪهڙي جهڪي ته هل، سينو تاڻي ٿي نڪرين، جڻ جنگ لئي ٿي هلين.

رتنا کلندي کلندي ٻاهر وئي.

رات پوري ته لاجونتي اچي ڏاڍائيءَ سان اندر اوريو چي "اڄ ڪلهه ٻارن کي ڪهڙي رنگ چڙهيو، لڄ ۽ شرم سڀ لاٿو، پوءِ مائٽن جو پل پل لڳيءَ ۾ ساهه وڃي اٽڪي."

راڻيءَ چيو، "ٻچي! ۾ اهو سمجهي. "نه" چئي ته مٿن جو بوجهه ٻٽو وڃي..."

رتنا جي ڏات هري ته هڪ ۾ ٻئي آرتوار لئي ايشور سان پروگرام پڪو ٿيندو هو. بمبئيءَ جو شهر اٿاهه. ٿنهن کو پنهنجو گڏجي ڪوله جو مائٽن کي ڪا ڪانگي پهچائي- بس ٻنهي کي ڇڪ لوڙي ملي وئي.

هڪ ڏينهن رتنا ۽ ايشور بس ۾ ويٺا هئا. سئنيما تان موٽيا هئا.

رتنا پڇيو، "اڪثر پرڻي جوڙا هر پڪچر ۾ باغ ۾ ٻڪون پائيندا ڇو ٿا نظر اچن؟"

ايشور چيو، "اهو ته پاڻ ان طرح ڪري ڏسجي، تڏهن معلوم ٿئي."

آهــــي،" چوندي ڪنهن غلطيءَ جي احساس کان رتنا چپ کي ڪٽي چڪ پاتو... ليڪن ايشور اڳيان وڌي سندس هٿ پڪڙي چيو، "ويچارن چپن کي وڌيڪ لال ته نه ڪر!"

هڪ ڪن لاءِ ٻنهي محسوس ڪيو، هو ترڪي رهيا هئا، مگر ترڪڻ جنهن ليءِ پير رکيو هئائون، تنهن تان بچڻ هاڻ محال هو....

لاجونتيءَ گهر ۾ جڏهن ايشور ۽ رتنا جي وچ ۾ گهري پنهنجائي ڏٺي، چالاڪ سهي وانگر سندس ڪن ڪڙا ٿي ڪانئي ٿوهه وٺڻ لڳا. ڪمند ڪسيندي ايشور رتنا کي ٻانهن ۾ چڪ پاتي ڪيئو يا رتنا ڪانئس ڦوٽا ڪسيندي ٻه ٽي ڏک وهائي ڪيائس ته لاجونتي گرم ٿي وئي. چي، "هاڻي ميڙا ٻار ڪو نه آهيو." پر ڪير جو سندس ٻڌي؟ بس اوندي گهڙي تي پاڻي. هڪ رات ته هوءَ گنگارام سان به اٽڪي پيئي. چي، "ڏيءُ وڇي ٿي ڇت جيڏي ٿيندي پر اٿو ڪا انجي اون؟"

گنگارام به خفي هو. چيائين، "اهي ڪم زالن جا، اون وري مان ڪريان؟"

"زالن کي ڏاڍي هڙ چوڙي ڪاله ڏلي اٿو؟ چوريءَ لاءِ ڏيب سبب جڻ پئي ڪنهن هندان ڪٽي اچڻا اٿم!"

"ها، تون ته بس ڪٽي وَلهي آهين، اٿين نه؟ يا غريب شادين تي ڪوله ٽا ڪن؟"

وڌيڪ بحث فضول سمجهي، منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيائون.

آخر هڪ ڏينهن اهڙو اچي پهتو جو اوچتو اوچتو ٻئي پاڙ هڪ ٻئي کي اکيون شيڪڻ لڳا. لاجولتي ۽ راڻيءَ هڪ ٻئي سان پاڇيءَ جي واٽ تہ ڪٽي ڇڏي، پر ڳالهائڻ بہ بند ڪري ڇڏيائون.

ايشور ۽ راڻا لنگهندا هئا تہ اکيون جهڪائي، ڄڻ هڪٻئي ڏي ڏسڻ گناهہ هو. لڏيا پار سمدن نقل ڪندا هئا. ڪين لنگهندو ڏسي هڪ ٻئي ڏانهن ڇيڇ وڌائي ڳجهو ٿي ڳجهو کلندا هئا. راڻا پيرن کي اندر وٺي وڃي ماريندي هئي. ايشور پنهنجن پاڙن کي سٽڪارا ڪيلندو هو.

هاڻي پارن جي وڙهڻ تان ڏيراڻيون، هڪ ٻئي لاءِ ڳارگند ڪندي بہ دير نہ ڪنديون هيون. پاڙي واريون ڪين ذري ڳالهہ تي وچ ٽپندو ڏسنديون هيون تہ ڏاڍيو عجب کائينديون هيون.

مگر راڻ راڻ پنهي ڏيراڻين جي ڪڙاهہ، ڪوئي نہ ڏسي سگهيو. لاجولتي آڌيءَ رات جو پاسا ورائيندي پٽيءَ کي اٿاري چوندي هئي، ”کهڙو هي ڪوڪت ٻرايو. هاءِ هاءِ! ڇوري هڪ هڪ پير تي ڪٽي تہ پاڻيان ان پير هيٺان آگہ ٻاري ۽ هو لياڳو ايشور! منهنجي دل وٺان تو لنگهي تہ چوان جيڪر شيخون ٻاري مٿي جون

اکيو ن ٿي ڪيئي رڳان....“

۽ راڻي صوبراج کي آڻاري چوندي هئي، ”منهنجي نه دل ٿي جلي. لاچولتيءَ جو لهارڻ نه مان سهي نه ٿي سگهان. چوري ۽ هوندس ڪا ڏر جي ڦٽل.“

”پر اسانجي ايشور کي ڇا ٿيو؟ هيڏو سارو ڏکه، پڻ جهڙي سوَمت جي سماڌست نه پيس!“

”الاجي ڪيئن مت ڪٽس. اهڙو هو نه ڪونه ....!“

”هي ملڪ ڦٽڻ جا انگور آهن. چوڌاري وايو منڊل نه ڏس، ڇا ڇڙواڳي لڳي پيئي آهي.“

”پر اسين به نه ايڏا انڌا ٿي وياسين نه ....“

ان طرح هر رات، ٻنهي لڳو لڳ ٻڙڪن لاء، لڙون حشر ٿي برپا ڪيو. رات جي ڪاري پردي اندر لڪل جيئي، يڪدم ٻنهي گهرن ۾ ڇرڪي پوندي هئي.

اندر گهٽجي گهٽجي هڪ رات نه گنگارام آئي لت ڪئي. رنڊا جو ڪومل بدن سچو ليل نيل ٿي ويو. رنڊا جون دانهون رڙيون ايشور سوڙ ۾ ڳوڙها ڳاريندي ٻڌيون، صوبراج ٻڙڪ ۾ اچ وچ ڪندي ٻـڌيون ۽ راڻيءَ ٻئـي پوندا پٽ ۾ اگهندي ٻڌيون. انڪان پوء لاچولتيءَ هٿاي اوچنگار ۽ گنگارام جو سر ڀڃڻ.

هڪ رات نه رنڊا رڙي رڙي چئي رهي هئي، ”هي نه ٿي پڇي سگهان آمي! نه ٿي ٻچي سگهان. انڪان ته منهنجون ٽنگون ٻانهون ٻڌي ڪٽي اديءَ ۾ اڇلي اچو...!“

رهڻ ڪو نہ ٿيندو.“

سويراج وقت هنکي ڏي ڏيڻ لاءِ ڪي اکر ٿي ڪين هئا. کيس پنهنجو من بہ ٿڌو محسوس ٿيو...

صبح صبح رلدا ۽ ايشور پنهنجي دريءَ جي ٻاهران ٻڌو، ٻار چئي رهيا هئا، ”آلا! هيءَ شادي نہ ڪهڙي ٿي آهي! ائين پيو لڳي جڻ ڪوئي مري ويو آهي!!“

برسات جا ڏينهن هوڻ ڪري اداس، باقي جو ڪڏهين
پرال ڪڪر ڪارنهن ڪري وڃي پرلي ڪنهن پٽي هنڌ
وسن ته وايومنڊل ۾ سڄو ٿيو پوي. پري ڪان ٽـڏي ۽
مٽيءَ جي خوشبوءِ گــاڏڙ هوا لڳڻ سان لڳي ته هڪ
عجيب سڄائيءَ کي دل ۾ بيدار ڪيو ڇـــڏي.... اهڙي
وقت ستي ۽ حشو مولوت لڏکهي آيا ته پاليم قارون جو
خزانو مليو اٿم. پٽي پانهون ڪولي ٻنهي کي ڪٽي پاڪر
پاتم. آخر منهنجي هن سڄي جيون ۾، هي ئي ته منهنجا
پالڪ آهن، جن ٿوري گهٽي رلـڪيـني پري ڇڏي آهي

## شڪست

هن موڳي گهر ۾.
پر ڳالهه سچ ته ڪل جهڙي آهي. مان اڃا ڪنواري؛
دل ۾ رڪان هيڏن سارن ستي ۽ حشوءَ لاءِ ممتا! ليڪن
هردي ۾ ڪنهنجو وس ته هلي ڪين ٿو.
حشوءَ کي چيم، ”اڄ ته پڳوان ڪان ٻيو ڪجهه گهران
ها ته شايد اهو به ملي وڃي ها. سامهون ڏس ته، بادل
ڪٿن سڄي آڪاس کي وڪوڙي ويـــا آهن. هڙي
اڪيلي ڏينهن لوهااڇي سنگت ملي ته باقي ڇا کپي.“
ٻنهي جراب ڪونه ڏاو. ٻنهي کي ڪرسين ٿي

وراڻي چيم، "ٻاهران ٻڌايو، اڄ ڪهڙو ٽول ناهيان."

حشوءَ لڙڪ ۾ گهنج وجهي چيو، "ٽــول ٻول جي ضرورت ڪانهي." مان پنهنجي ٻه، ٻه اکيان هڻن جي پرکي ڏسي وسي ٿي ويس. ڪيتري مهل تہ وسمي ۾ ٻڌي ڪي ٽڪيندي رهيس. آخر چيم، "هونءَ تہ ايندا آهيو تہ ٻڌي جي ٿيا ٿيا ٻيٺي پولدي آهي؛ اڄ ڪهڙا جهاز ٻڏي ويا آٿو؟"

سنڌيءَ ڪرسيءَ تان اٿي وڃي دريءَ وٽ بيٺي. هوا ۾ سنڌس ساڙهي ڦر ڦر ڪرڻ لڳي. حشوءَ ٿڌو ساهه کڻي چيو، "ڇڱو مان وڃان ٿو."

مون چيو، "ڳالهہ تہ ڪر حشو، آئين ڪٿان، وڃين ڪٿان ٿو؟"

حشوءَ سنڌيءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو، "پڇينس."

سنڌي منهن ٻاهر ڪري ائين ڏسي رهي هئي ڄڻڪ ڪجهہ ٻڌي ئي نہ رهي هئي. مون سڏ بہ ڪيو مانس تہ بہ جواب ڪونہ ڏنائين. چيم، "حشو لـون ڀلي گهر وڃ. سنڌي اڄ مون وٽ ٽڪندي."

حشو ڪڙو منهن ڪري ٻاهر وڃڻ لڳو تہ سنڌيءَ سچل منهن سان ڏانهنس نهاري ساڙهيءَ جي ڪنڊ ڏندن سان چٻيندي چيو، "مان بہ ٿي هلان."

حشو ٽهڪي ويو- "بس پنهنجي فرياد جو داد جو ٿي چڪو؟"

سٽي وري به دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳي. مون حشوءَ کي هٿ جي اشاري سان هلي وڃڻ لاءِ چيو.

حشو هليو ويو ته سٽي ڦٽيل پکيءَ جيان تڙڦندي اچي منهنجي گود ۾ ڪري. ڏجهندي، چيائين، "دادي! مونکي هاڻي موت گهرجي."

منهنجو من ڀرجي آيو ته ٻه ڪلمي چيم، "ايتري ۾؟"

"نه نه چاچا. هنجي اکين ۾ مون لاءِ جڏهين ڪابه عزت نه رهي آهي، تڏهين مان ڀلا جي ڇا ڪنديس؟"

"واهه ڀائي، تو نه چيو هو ته مان هڪ سهڻو گهر ٺاهي ملڪ جو هڪڙو ننڍڙو حصو آباد ڪنديس. بس اهو گهر آباد ٿي چڪو، هاڻي مرڻ لڳي آهين؟"

سٽيءَ رومال اکين تي ڏيندي چيو، "گهر ڪي آباد ڪرڻ ڪوئي ڏٺي به آ؟ هو نه سمجهي ٿو ته مان عياش آهيان، جو گهر ۾ فرنيچر کپيم، درن ۽ درين تي پردا کپيم، گلدانن ۾ گل کپيم، اڱڻ ۾ ڪولڊيون کپيم ...."

مونکي سٽيءَ جي هنن ننڍڙن تمنائن تي الاجي ڇو ڏاڍي ممتا اچي جاڳي. دل چاهيو کيس چوان "ڌيءَ." پر ڀرم کان روڪجي ويس. رڳو ٻئي هٿ سندس ڪلهن تي رکي ٿورو زور ڏنم. سٽيءَ منهنجي اکين مان وهندڙ آنسون پنهنجي پلوءَ سان اگهي ٻئي ٻانهون ڪڍي منهنجي ڳلي ۾ وڌيون ۽ آهستي چيائين، "ڪاش! اڄ امي جيئري هجي ها."

مون ستيءَ کي روئي ڪاراڻي ۽ پوءِ ٻئي وڃي بستري
داخل ٿيون سين. اڌ رات تائين ڪيتريون ڳالهيون
ڪيون سين. ستيءَ روزاني ڪم ڪار جون جيڪي ڳالهيون
ٻڌايون تن مان نه مون کي ائين لڳو ته ڏوهه اڪو
ستيءَ جو آهي اڪو حشوءَ جو. ٻئي ويچارا ستي
سڳنڌي جيوت رٿ جا ڪاڪي آهن. ليڪن آپت
توري هجڻ سبب هڪ ٻئي کي پيا ڏوهه ڏين. دل کي
چيم ته مان به انهن سورن ڪري ئي نه سچي عمر شاديءَ
کان نٽو آڪر واري ويٺيس. ڪٿل پڳهارن تي شادي
ڪري روز روز ويهي، "تون چار، تون چار ڪجي" تنهن
کان نه بس ڀلي. ستيءَ جي ناداني ئي اڄ مون کي رحم
تي آيو. جڏهين رات گهڻي گذري وئي تڏهين ستيءَ
پاسو ورايو. مان به آهستي آهستي اٿي وڃي پنهنجي
کٽ تي ليٽيس مگر منهنجي اکين اڳيان اهي ڏينهن ڦرڻ
لڳا، جڏهن ستي مون وٽ ٽيوشن وٺڻ ايندي هئي.
مان به تن ڏينهن اڃا چڱي ڀلي هيس. ڏينهن ۾ ٽي
چار ٽيوشن ڏيئي وٺندي هيس. حشو، منهنجو ڀاڻيجو
اڃا تازو ماستريءَ ۾ گهڙيو هو. روز اچي منهنجو مٿو
کپائيندو هو. هڪ ڏينهن اوچتو ستيءَ چيو، "دادي،
توهانجو ڀاڻيجو اڄ ڇو ڪونه آيو آهي؟" مان وائڙي ٿي
ويس. دل ۾ چيم، "جي حشو نه آيو ته هن ڇوڪريءَ
جو ڇا ويو." اڃا ٻه ٽي ڏينهن گذريا ته ساڳيو سوال

حشوءَ ڪيو. چيو، ”دادي، ڪالهه ڪان هوءَ ڇوڪري ستي تو وٽ ڪالهه نه آئي.“ چيم، ”ناناڻن ۾ ڪراچيءَ ويئي آهي.“

ڪجهه ڏينهن حشو به ڪين آيو ۽ جڏهن ڏينهن آيو ان ڏينهن ستي ڪراچيءَ مان واپس اچي چڪي هئي. ان ڏينهن حشوءَ ايڏي گهڻي اتساهه ۾ پرجي پئي ڳالهايو جو مونکي ڪل اچي ويئي. ستيءَ به سنڌس هر ڪا ڳالهه انهن ئي چاهه مان ٻڌي جڻ ڪنهن مٺي گيت جون لڪون هيون. حشو پاسيرو ٿيو ته ستيءَ کان پڇيم، ”توکي منهنجو پاڻيهو وڻي ٿو ڇا؟“

ستي شرم کان لال ٿي ويئي. سر کي ڏڏڪو ڏيئي چيائين، ”مون انهن کٽي چيو. مون کي رڳو سنڌس اتساهه وارين ڳالهيون وڻنديون آهن، جو چوندو آهي، ملڪ کي ڏاهجي، ملڪ لاءِ جيون ڏيڻ ئي سچي معنيٰ ۾ جيئڻ آهي. دادي سچ ٻڌايو، توهانکي سنڌس ڳالهيون ڪونه وڻنديون آهن؟“

مون به چاهه مان چيو، ”حشوءَ جون ڳالهيون اڪيلي سر نه اهڙيون ڪين وڻنديون اٿم، پر توهين ٻئي جڏهين اهي ڳالهيون ڪرڻ وهندا آهيو، تڏهن نه ڏاڍيو وڻنديون آهن.“ ستي کلي پيئي.

ستيءَ مئٽرڪ پاس ڪئي ته به مونوقت اچڻ ڪين ڇڏيائين هڪ پيري ستيءَ جي اڳيان حشوءَ جي ڪلڻ

ڪڍڻ اھڙو مُدر لڳم جو جڏھين ستي ھلي وئي، تڏھين کانئس پڇيم، ”حشو توکي ستي ڏاڍي وڻي ٿي ڇا؟“

حشوءَ عجب مان پڇيو، ”توکي لئي وڻي ڇا، جو پڇين ٿي؟“

مونکي الاجي ڇو شرم اچي ويو. ڪيترا سال اڳ، مان به نه ڪن ڇوڪرن کي اھڙي ٿي وڻندي ھيس، جھڙو ستي حشوءَ کي. پر ڇوڪرا ھئا، حشوءَ وانگر ماستر يا ٽڪي پئسي وارا ڪلارڪ. سو مان ان وٽڻ کي ڪا معلوم ٿي ڪانه ڏيندي ھيس. پر ستيءَ کي جڏھين چيم، ”ستي، توکي حشوءَ کان پاسو ڪرڻ کپي.“ نه ڇرڪي وئي- چيائين، ”ڇو دادي؟“

چيم، ”ستي ھو به ٿي سؤ ڪمائيندڙ ماستر آھي، سو زندگيءَ جو ساٿ نه، ھڪ پئي ڪسي ڏئي ڪين سگھندا؟“

ستيءَ کلي چيو، ”دادي توھين الاجي ڇئو ٿا پيا، رڳو آفيسر يا ڪڌھن واپاري ۽ پئسي واري انسان سان ئي سٺي جيوت گذاري سگھجي آھي ڇا؟“

مون کليو. چيم، ”اڃا آھين. دنيا ۾ اُت به ناڻو ويھه به ناڻو لڳو پيو آھي. اڃا ھلي خبر پوندءِ.“

ستيءَ ڪجھ ڪين. پر جڏھين وڃڻ لڳي، تڏھين شرمائجي چيائين، ”پيار جو پئسي سان ڪھڙو واسطو؟“

مونکان ٽهڪ نڪري ويو. اهڙا آدرش رکندڙ جوڙا گهڻيئي ڏسي چڪي هيس، جن جي شاديءَ کي غريبيءَ ئي معمولي بڻائي ڇڏيو هو.

ٿورن ڏينهن ۾ ئي سنتي ۽ حشوءَ جو مڱڻو ٿي ويو. وچ ۾ وٺي حشوءَ کي چيم، ”ڏس حشو، تنهنجي سنتي نازڪڙي نار ۽ تون آهين هڏن ڪٺو محنتي جوان، سچي ملڪ کي بدلائڻ جا خواب پيو لهين؛ سو سنتيءَ سان ڪيئن عمر نباهيندين؟“

حشوءَ ڇپڻي وجائي چيو، ”ڏسج ونئي دادي، ڪيئن نه تو هيتري ۾ بدلائي ڇڏيائس.“

وري جڏهين سنتيءَ کي چيم، ”ڪڪي، حشو نه گهر ٺاهڻ وارو ڪونه اٿيئي. هنکي ته ٻي سڀڪنهن ڳالهه کان ٻهرين آهي ملڪ جي شهرن جي چنتا.“ نه سنتي ئي لوڏ سان چيو، ”ڏسجو ونهي دادي، ڪيتري ۾ ئي بدلائي ڇڏيائس. آخر گهر به ته ملڪ جو هڪ ننڍو حصو آهي نه!“

مان هن ننڍڙي ڇوڪريءَ جي بهادري ڏسي ٺري پيس.

ان ڪالهوءَ ٻنهي جي شادي ٿي ويئي. شاديءَ رات مان ڪيتري دير جاڳندي رهيس. ان رات مان جيترو پاڻتي ناراض ٿي هيس، اوترو شايد زندگيءَ ۾ ڪڏهين نه ٿي هونديس. سنتي ۽ حشوءَ جي هلڪي

ڪل ڪل، چوڙن جي کھڙ کھڙ، ڪپڙن تي هارايل عطر ۽ گلاب جي پاڻيءَ جي خوشبوءِ سڀ هوا جي هلڪن جھوٽن تي ڪجي ٿي آيون ۽ مان بيچينيءَ سان سوچيندي رهيس، "ڪاش مان به ڪجهه سال اڳ حشوءَ ۽ سٽيءَ جيڏي همت رکي، ڪنهن رواجي ڪمائيءَ واري انسان سان ٿي زندگيءَ جي ڏک سک جو سمنڊ ٻڏي ڇڏيان ها!" مگر ان ڏينهن لائين نه مان داءُ لڳائڻ جي هرڪا ٻولجي — موڙهن، شڪل، اکين جي مدهوشي، سرڙ جي چنچلتا، سڀ خاڪ ڪري ڇڪي هيس.

ليڪن اهي ساڳيا سٽي ۽ حشو هئا، جي اڄ ٻارڻ ۾ وڙهي آيا هئا. ڇگو ڪيم جو ڪنهن اهڙي جهڙي ٻگهار واري سان شادي نه ڪيم نه ته شايد هڪ ڏينهن پڇتائڻو پوي ها. ليڪن سٽيءَ جو پنهنجي ڏک جي وقت مولڪي ٿي همدرديءَ لاءِ چوڙ اڻيو هو، سو منهنجي من ۾ هن ڇوڪريءَ لاءِ ممتا جو درياءُ اٿلي پيو. پنهنجي ڪمت لي آرام ٿي ڪين ٿي آيو، ڇيم اٿي وڃي سٽيءَ کي گلي لڳائي سمهان.

ٻر ڪمت ٿان اٿيس نه ڏسان سٽي پنهنجي بستري تان گم! منهنجي ٻن ٻه وڃن ڇهه ٻه وڃون. آڌي رات ٻه گذري چڪي هئي. ٻاهر مينهن جي ڪڻي ٽيل پاڻيءَ مان ڏيڏرن جي ٽان ٽان پئي آئي. چوطرف سنسان انڌيري جو راڄ هو. هڙهي ٻاهت اولاهيءَ ۾ سٽي

ڪيڏانهن وڃي هوندي، اهو سوچي منهنجو بدن
ڪالڌارجي ويو. وٺي زور زور سان سڏي ڪي سڏ ڪيم.
ڇا ڏسان، هوءَ ڪٺڙي جي پرڻءَ ڪنڊ وٽان لڪڙي
لڪڙي هلندي پئي اچي. ڪمري ۾ آئي ته سڄي پئي
ڏڪي. ڪپڙن تي ٿورا برسات جا ڦڙا پئجي ويا
هيس. ٿڌي هوا پئي لڳي. رڳ ڪٽي ڪيس ڍڪي ڇڏيم
۽ پرسان ليٽائي وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳي سانس.
ڇوڪري اچي رنڌ ۾ چنڪي. منهنجي ڇاتيءَ ۾ منهن
لڪائي وياڪلتا سان چيائين، ”دادي! ٽن سالن ۾ پهريون
ڀيرو هن طرح وڙهي، هڪ ٻئي کان جدا ٿيا آهيون.“
ٿورن منٽن کان پوءِ غم ڪجهه گهٽيس ته چيائين،
”دادي ٻر گهڙيون ڇا آئم؟ ته ڪال نه ماڙي! هيءَ
بي حيائي آهي؟ پاڻ ماستري ڪري ته چوي ته ملڪ
جي شيوا ٿو ڪريان، مان هڪ سهڻو گهر ٺاهي ملڪ
جي هڪ ڪنڊ آباد ڪريان ته اها ملڪ جي شيوا نه
ٿي....؟ پيت ته ڪتا ۽ ٻلا پاليون. اسين جو دنيا ۾ آيا
آهيون ته پاڻ لاءِ، سمجت سدوار کان ڇا پاڻ کي
والجهيل رکي سگهنداسين؟“
مولڪي حشوءَ جي خيال ۽ رهڻيءَ جي چڱي ڄاڻ
هئي، سو آهستي آهستي چيم، ”اسان جي ملڪ جا
ڪيئين انسان آهن، جيڪي کون پاڻي هڪ ڪندي به
سٺي جيوت نٿا گذاري سگهن. حشو ته وري به پارن

جي دلين ۾ سڄي دنيا اڏڻ جا ٻج ڦٽو ڇڏي. سو هڪ ڏينهن شايد ملڪ جون ڪيئين لو جهڙيون ناريون سندا سڳنڌا گهر ٺاهي سگهنديون."

"مان نه ليسين مري ڪڇي نه وڃنديس." سٽيءَ جي اکين وارن پيالين مان ڇلڪندڙ آسون اڇاجي اچي منهنجي هٿ تي پياءِ پاڻڪي چيم، پيلا هيءَ نيڊڙي ڇوڪري آئينده جي نسل کي جيئرو ڏسڻ واري فلاسافيءَ مان ڇا ڄاڻي. کلي چيم، "سٽي نهنجو ڏوهه ڪونهي. اڃا ٻار آهين نه!"

"ها، هو نه سمجهي ٿو اصل اينڏي وڏي ٿي ويئي آهيان، جو ننڍين ڳالهين جي گهر ڪرڻ ٿي نه گهرجيم."

سٽيءَ کي جواب سوڪين ڏنم پر دل ۾ وڏي واڪي چيم، "نهنجي هسن لوڏ تان گهوري وڃان سٽي!" ؟ ڪيس پنهنجي ٻانهن ۾ سماري لنب ڪرائي ڇڏيم.

صبح ساڻ حشو اچي مولوهت سهڙيو، شڪل ڏاڍي لٿل هئس. دل نه ڏاڍي پريل ٿي لڳس. منهنجي دل ۾ حشوءَ لاءِ موهه جي اينڏي اُڇل اچي ويئي جو ڇا چوان. منهنجي ماءُ سچ چوندي هئي ته مور کان وياج مٺو لڳندو آهي. پاڻن کان پاڻيا پيارا لڳندا آهن. حشوءَ جي ٻر ۾ واهي سندس مٿي تي هٿ گهمائي چيم، "سٽي نه لوڪان سواءِ هڪ رات ۾ اڀاڪي ٿيو پوي پوءِ الاجي ڇاڻ ۾ ورهو ڪيئن ٿا؟"

"مان ڇا گهٽ اُٻاٽڪو ٿيو آهيان؟ پر وڃي ڪيڏانهن آهي؟" حشوءَ اهڙي نه اَڏپر سان پڇيو جو ڪل اچي ويس.

"ڇپر، سندس لئي وڃي آهي. پاڻي پڄي ڪاله وڃي آهي."

حشو لڳي ٿــي چيو، "ڪڏهين ڪڏهين خسيس ڳالهين تان اهڙو طوفان لڳي، پوءِ وسي برسات، بس گهر جو ڳاڙو ئي چڪ ٿيو پوي. سنڌيءَ جو به سڄ پڄ ڏوهه ڪونهي. ڪو قارون جو خزانو نه گهرندي ڪانهي. هوءَ به نه وڃاري سهڻو گهر رکي ملڪ جو هڪ ننڍو حصو سندر ڏسڻ چاهيٿي پر......"

سنڌي حشوءَ جا پڇاڙيءَ جا اکر ٻڌندي اندر گهڙي. سندس مکه لـــي ماڪ سان ڌوتل گلن جهڙي مرڪ ۽ پيرن ۾ ارڪيءَ جي لرت هئي. حشوءَ جو جملو پورو ڪندي چيائين، "پر ملڪ جو ننڍو حصو پلا ڪئن سهڻو ڪري سگهبو، جڏهين ملڪ جــي اڌهي ماڻهن جون رواجي ۽ رواجي گهرجون نه اٿيون پوريون ٿي سگهن؟ اٿين؟ چوندي سنڌي ڪپڙا ڪڍڻ لئي ٽنگي اچي اسان جي اڱڻ ولڻي ۽ مرڪي چيائين، "آخر هڪڙو ڏينهن نه ضرور ايندو جڏهين جيڪي ڪجهه موليڪي نه ملي سگهيو آهي سو سڄي ملڪ جي ناريُن کي ملي سگهندو." پڇاڙيءَ وارن اکرن تائين سنڌيءَ جي مرڪ ڦٽي، ڇپن جي ڪنڊن وٽ ڏڪ ڏڪ ڪري پئي. حشو اهيون ڦاڙي سنڌيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳو. سنڌيءَ پنهنجا جل پريا ليٽر

زمين طرف جهڪائي ڇڏيا. حشو اکين ۾ پيار ڀري ڪيس
ڏسندو رهيو. اها هڪ ڪن ڪيڏي وڏي ۽ مڌر هئي.
ڀاليم جيڪر اها سچي ڪن مور جا ڪنب ڀائي آڪاس
لي لاچ وجهي ساري جهان کي ٻڌائي اچان ته ٻتي ٻتديم
وچم جا انوکي پنهنجائي ٿيندي آهي، اُن جو ساڪيات
روپ اڄ ڏٺو اٿم.

"هل هاڻي گهر" حشوءَ چيو.

ستي زمين تان ٻڌل نظرون مٿي کڻيون ۽ اکين ۾
لڙڪ، مک تي مرڪ ڀري چيائين، "ها ها..."

مان عجب مان هن جوڙي کي ڏسندي رهيس.
مشڪل سان ٻنهي کي ليڙڻ تائين ترسائي سگهيس.
جڏهين هو موڪلائي هيٺ وڃي رهيا هئا،
تڏهين ڏاڪڻ تي کين چوندو ٻڌم، "وڙهڻ جي معنيٰ
اها ٿوروئي آهي ته اسان هڪ ٻئي سان پيار ناهي.
ٻه لڪر ٻه پيا هڪ ٻئي سان ٽڪرن، ان ۾ ڇا هي؟"
"ٻر دادي ڇا چوندي؟"

"چوندي وري ڇا؟ ٻگلي!" ۽ الڪاپوءِ ٻڌم هلڪي
کل جا سندن شاديءَ جي رات ٻڌي هئم، ڪاش!
پيار جي درياهه ۾ هن طرح غربيءَ جي شڪايتن کي
ٻوڙي واهي ڇڏڻ جي رهت ڪجهه سال اڳ سکان ها،
جڏهين اڃا جوان هيس. دل ۾ ستي ۽ حشوءَ جي اچڻ
وقت جيڪو سوڀ جو احساس ٿيو هوم، سو سندن
وڃڻ بعد پنهنجي شڪست جو احساس ٻڻجي ويو آهي.

صبوح جو اک ڪلي نہ لوڪر ڪان پڇيم، "گھڻا لڳا آهن راڄو؟"

"ست."

موڪلي جڻ وڃون ٿي ڏسڪيو. (وڃون نہ اڃا مون ڏٺو ڪولهي پر اُن جي ڏسڪ جون ڪيترائون ڪهاڻيون ميءِ ڪان پڌل اٿم) "مِٺا! موڪلي سوال ڇو نہ اُٿاريٿ؟.... هاڻي جلدي جلدي چانهہ ٺاهہ، چانهہ ٺاهہ...."

منهن ڌوئي چانهہ پيئڻ ويٺس. ميءِ بہ اچي ويٺي. سوچڻ لڳس "چانهہ پي اڄ جلدي تيار ٿي ٽيوشن لئي

## پـــج پيـــجـــان

ويندس، روز دير ٿيو وڃي. ٽيوشن تان ٿي ليرن ڪاٿي پڙهندس اسڪول ڏي. شل مسٽر رکيو هجي..."

چانهہ خلاص.... ڪاڪوس بہ ڀاڻي ڪوٺهي هاءِ هاءِ.

"راڄو ڪلهہ ٽالڪي ڇو اِ ٺهرائيٺ؟ پلمبر ڪو نہ مليو؟"

هتي شل اِ ڪا شيءِ خراب ٿئي يڪدم ٺهڻ جو لسـ نالو ئي نہ وٺندي....

ڪيندي بہ هٿ مليندي چيم، "مري وئس!"

ميءِ اندران پڇيو، "ڇا ٿيئہ اُرملا؟"

ڪيٽن پڌاياس نہ واشنگ واري تان ساڙهي ڪاڻ

ملندي. سومر سڀ دڪان بند آهن! جي ٿي ٻڌاياس ته، سندس پـاسي شروع ٿي ويندو: هيٺريون ساڙهيون اٿيئي ته به واشنگ واري وٽان ساڙهي ڪپيٽي.... اڄڪله جون ڇوڪريون ڪي آهن. اسين به هو اڏا هٿا سين....“
آلا واٽ بند، ڪن بند، مـان سڌي ٻـاٿ روم ۾. سٽيالاس! گرم پاڻي به ڪاله ڪٽي آيس... الاجي ڪٿان راجو اڄي ٻرگهٽ ٿيو. گرم پاڻيءَ جو ڏول نـل هيٺان رکي ويو.... آلا ڪيتري دير ٿي لـڳي ال مان ٿڌو پاڻي گرم پاڻيءَ ۾ گڏڻ لاءِ! هڪ ٻه ٽيوشن وڌيڪ ملي وڃي ته جيڪر گيزر وجهائي ڇڏجي.... سدان ڪري لڪتس ته ڪن ٻي ٻرلاءِ پيو، ”مائي! گنس خلاص.“ راجو مميءَ کي ٻڌائي رهيو هو.
گئس خلاص معنيٰ ٻيون ڪان جواب. خير مکڻ ڊبلروٽي هلائبو. پر مڇهند جي روٽي؟...
مميءَ کير جو گلاس هٿ ۾ پڪڙائيندي چيو، ”ٻان گلوءَ کي اسڪول ڏي وڃي ٿي وڃان، آءون ٽيوشن ٽي وڃڻ ته لاان گئس واري کي لمبر ڏيندي وڃج. گاسليٽ ٽي ته لٽ لـڳي پيئي آهي، راجـوءَ کان اگر ڪڍي ٿي گهرايان... مونکي ٿوري دير لـڳندي. مـائٽين واريءَ وٽان ليابو به آيو آهي...“
”ليابو آيو آهي!“ سچ ته اهي لفظ جيڪر ڪهڙيءَ به ڪنواري ڇوڪريءَ جي دل ۾ ڌڪڙ وجائي ڇڏين،

پر منهنجي لاءِ نه اهي ڏڪڙا ايترا پيرا وجي چڪا هئا
جو هاڻي ڪن تي پوڙا ٿي ويا آهن ... دٻلي ۽ ويچارو
اها چنتا ڪٺي رمندو رهيو. پلا ڇنجي ڏکجي گڏي،
ٻڌجي، ڇوڪرو ڏسڻ وڃ يا ڇٽجي پاڻ ڏيکارڻ وڃ پوءِ
۽ مايوس ٿي موٽ. ڪڏهن مان نه وٺان هيڏڪي، ڪڏهن
هو نه وٺن موڪلي؟ ڪڏهن نه وري ڏيٺي ايتري جي
هبيت جي ننگ ڪجي ٻيهي، ڪڏهن نه وري ڪي عقل
جا دشمن ماستريءَ کي گهٽ نظر سان ڏسڻ لڳن.

مار گولي ڏڪڙن کي. آرسيءَ وٽ بيٺي مان لڪڙو
لڪڙو سنهري رهي هئس. سوچيم، ڀلا ٽيڇرس شايد
ٻن ٻن نوڪرياڻين کي ٻيهاري پوءِ سنهرنديون آهن. هوءَ
ٽيڇر اهين سنهري ايندي آهي جو منهنجي لـــ
اک ني منجهس اٽڪي پوندي آهي. ساڙهيءَ جا چڙ
ڇا نه ناهي وجهندي آهي. مون ڪان نه هن ڪلف
لڳل ساڙهيءَ جا چڙ ني نتا مارجن .... مرڻ ڏيڻ .... ديـر
ٿي وئي. راجو ڪير ڪير ڪير .... اڙي ڪير نه ڪڏهو نڪو
ميز تي پيو ٺري. مان رومال ۾ سينٽ ڏري وجهي ميز
طرف ٿي وڌيس نه ٺٽڪي ۾ شيشي ٿي ڪري پيئي.
هيءَ ٻي مصيبت! پر شڪر شيشي ڀڳي ڪانه. چالي
ٿي ڪراس پٽي لٽڪيو، ڪٽي ان کي چيم. هيڏانهن
هوڏانهن نهاريم. شڪر جو مٺي گلوءَ کي وٺي سڪول
وئي هئي نه نه شروع ٿي وڃي، ”مونئي نه ڪالو نت

۽ پڙهيون، ڏرم ڪرم ۾ ٻوڙي ڇڏيو اٿو...
”ٽنڊڪ گاب“ ڇٽي ڪير کي ٻيٽ ڏيئي ٻاهر نڪري ويس.

مگر ڪٿس واري وقت وڃٿو آهي. ”اڙي او تہ ڪوڙ لڳي ويا راجو“ مان ڏاڪڻ تي هئس. جواب ڏاڪڻ ۾ هيٺ پاڙيسريءَ ڏنو، ”باقي ٻہ منٽ آهن لون ۾.“

واچ کي چابي ڏيندي روڊ تي جو پهتس تہ ساه سڪي ويو. هڪ سيڪنڊ ٿي وڃايان ها تہ سگنل وٽ بيٺل موٽرن ۽ بسين جي لانڍ هلڻ شروع ٿي وڃي ها.

مان دل جي دڪ دڪ ٻڌندي ڪٿس واري وقت پهچي ويس. پيرن سان گڏ دماغ بہ شايد لڪڙو هلي ويو هو، چيم، ڪلهہ کان وٺي شاديءَ جي آيل مهمانن سان گهر ڀرجي ويو آهي، اسان کي مهرباني ڪري ڪٿس لڪڙي موڪليو.“

منهنجي ٽيون نڪوريءَ ڪلف لڳل ساڙهيءَ ڏي نهاري ڪٿس رجسٽر کنڊڙ مون ڏي ذرا مطلب ڀري مرڪ اڇلي. دل ۾ چيم، ”چريو ٿيو. سمجهندو هوندو منهنجي شادي آهي. ٻئي ڀيري ڪٿس ڇوڻ ايندس تہ ٻڌائيندي سانس اها منهنجي پاڙيسريءَ جي شادي هئي. ڏت... پيسان پاڙيچي تہ اڃا جاڳي بہ ڪانهي....“ پوءِ بہ دماغ کي داد ڏيندي ٻگهر اڳهندي وڃي ٽيوشن تي پهتس. ٻار جا امتحان ويجها هئا. لڪڙ لڪڙ ۾ هر...

سڀ ڪجهه مان ٿورو ٿورو پڙهائيندي ويئي سانس. هاڻي پيٽ ۾ ڪوئا ڊوڙڻ لڳا. ڏهن ۾ ڏهه مدت هئا ته مان اُتي ڪڙي ٿيس. ٻار چيو، ”جاگرافيءَ جي مٿي پائنڊنگ رهجي ويئي.“ ”رهڻ ڏي بابا! سڀئي ڏهين اسڪول ڇڏيو آهي اُن وچ ۾ گهر ڪائين پند ڪرڻو آهي. ڪجهه ڪاڏو رڌو هوندو ته ڪاٿي سڪول ڇڏيو آهي....“

ڪمال ٿي ويئي. ٻار جي ماءُ چيو، ”اڄ ڀينهون رڌا آئم ٻيهر ڪاٿي وڃو.“

گهر ۾ گئس ڪانه هئي، اها خبر هئم. ان ڪري ”نه“ ڪانه ڪيم. ڀينهون ان مان سوڪ پٽاڻا ۽ ڪاٿم. پر هاڻ ڀڃان ڪيئن؟ گهوڙا گهوڙا! ڏهين جو گهگهو رستي ۾ ٿي پئم. چاليهه ۾ اندر هو هو هو وجڻ لڳي ۽ ٿڪون هاڻي ٿي هيون يا شايد چار ٿي پيئون هيون، ڦٽ ڦٽ ڪندي گهر پهتس. پڪ ٿي ته گئس اڃا نه پهتي هوندي. پر منهنجون اکيون ڦاٽي ويئون، جڏهن گئس ته رانڌڻي ۾ ٻرندي ڏٺم، پر روٽي به سڀي تيار ڏٺم. اڙي واهه. لڏهن گئس واري کي پڌائل گشي ڪم ڪيو هو. راڄوءِ چيو گئس وارو خاص ڪرڻو هئي ٿي ڪٽي آيو هو ۽ خرچي وٺي ويو.

واهه واهه. ڪم ته ٿيو. ”راڄو لڌيچ ٻاڪس ۾ روٽي وجهه.“ هاڻي شل سڪول سويلئي پهچان. پس جا ٿي اسٽاف بس پند آهي. سو سهڪندي وڏين وڏين

پرالڳهڻ سان رستو پورو ڪري جو سڪول جي آفيس
روم ۾ پهتس ته ڏسان پٽيوالو مسٽر ڪنيو پيو وڃي...
جهپ هڻي مسٽر ڦري حاضري پرائم. هاڻي وڃي سامت
جو ساهه کڻيو. پر پنهنجي ههڙي واڳهوءَ جي وات ۾
هڻڻ واري جيومت لي هاڻي ڪل اچڻ لڳي. رومال
وات تي رکي ٻڌي ڪل روڪيم. پر ڪل ڇو ٿـــي بند ٿئي.
سڌي هلي ويس ٽيچرس روم ۾. ٻه ڄڻيون فري پيرڊ
ماڻي رهيون هيون. هڪڙيءَ چيو، ”مونکي لڳي ٿو
أرملا جي جلدئي شادي ٿيڻ واري آهي....“

مون چيو، ”ڇا مان ٿو لڳيئي انين؟“

ڇپائين ”لئين ساڙهيءِ مان.“

هاڻي ته مونکي ٽهڪن ڏيڻ جو بهانو ملي ويـــو.
روڪيل ڪل جو ڦوهارو ڇلڪي پيو.

مونکي ايترو خوش ڏسي ٻي ٽيچر کي هـن چرچي
اندر ساڀيا اظر اچـــڻ لڳي. چيائـين ”شادي ڪري
نوڪري ته نه ڇڏيندينءَ نه.“

مان لهائين وڏيڪ ٽهڪن ۾ اچي ڇڏڪيس. جـڏهـن
ليڪن ڪل بند ڪري پنهنجي ڪلاس ڏي هلي ويس.
پر شام جو پنجين بجي تائين سڄي اسڪول ۾ اها خبر
وچ جيئن ڦهلجي وئي ته أرملا جي شادي ٿيـڻ واري
آهي. أفواهه کي ته خبر ناهي ڪهڙا پـــر لڳل ٿا هجن.
سڀني جون نظرون ڄڻ وري شاديءَ باهت ڪي مونکان

پڇي رهيون هيون. دل ۾ چيم: وڃي ڪڏ ٻون. هن ٻنج ٻڇان واريءَ حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڪي فرصت رکي آهي اُهن اجاين ڳالهين لي سوچڻ جي! مان تہ ٻڇان گهر. اجا واسطي خريداري ڪرڻي آهي. گهوڙا گهوڙا ٻرس ۾ وانر جي ٿيلهي الاجي وڏم الاجي ٺ. ڪلهہ فروٽ سوڏي ڪٽي فرج ۾ رکي هئم... ٻرس تہ ڏسان.

او سٺي ڳالهہ آهي. مڇيءَ شايد فروٽ ڪيڻ مهل ٿيلهي سنڀالي منهنجي ٻرس ۾ وجهي ڇڏي آهي.... ٻ ٻ ڏاڪا ٽپندي هيٺ لٿس تہ مار! سڄو پٽ آلو، هيءَ اَڻ مندائتي برسات وري ڪٿان آئي!.... تہ بس ۾ ئي مارڪيٽ ڏانهن خريداري لاءِ وڃان. شڪر جو بس جلدي ملي ويئي. ٻر گڙدي ۽ ڏوڪ ڏوڪان ... ليڪن واهہ مٿين ٻڪ لي دريءَ وٽ سيٽ! فرحت اڇي ويئي." مگر هيءَ ڪير؟ اڙي هيءَ! لون ڪيڻن هن ٻاسي." پنهنجي ساهيڙيءَ انيلا کان پڇيم.

”منهنجي لکيءَ سان گڏ ج، آهہ مين لاري.“

”لاري!“ مونکان ٽهڪ نڪري ويو. ڇا تہ عيمڪ ٻالي ائس. اڙي ٻاپ ڙي هي تہ مونکي ائين ٿو ڏسي جڻ .... ۽ ٻ آڱرين ڪٽي اکيان وڌايون ائس. ٻيلا هيڙيءَ رنگين مزاجيءَ لي ڪيڻن تہ من لهرائي ائي.

ليڪن اُنيلا ٻاءِ ڪي سهم ڪيڻي. چي، ”هيءَ اُرملا آهي جا سهي ويئي...چرچي جي ٻ ڪا حد ٿيندي آهي.“

۽ هي جناب!.... آڱوٺو ڏيکاري ٿو چوڻس، ارملا اُز دس.

ارملا وڏيءَ ڇرڪ ڇڏي چيس، ”توکي خبر آهي آڱوٺي ڏيکارڻ جو ڪهڙو مطلب آهي هتي؟“...

”خبر ناهي ڪهڙا لاڏ نا سکي اچن هي ولائت وارا.“

”ارمي! ساري! منهنجو مطلب هو ارملا آهي اي وَن“ ناريءَ وري آڱوٺو ڏيکاريو...

اڄ ري ري. مولڪي هن اسٽاپ تي لهڻو آهي بابلا. ناريءَ کي پيٽس جي پاسي ۾ سيٽ ڏيئي ماڻ ڪڙو هيٺ لهي اچي بس کان ٻاهر بيهس.

مهي ڏاڍي سٺي آهي. خريداري ڪري گهر پهتس ته وچي ڪمس ڳچيءَ ۾ ٻانهون ورائي. نائيٽ چاهي لڳل راڌڪي جي اسپرنگ وانگر منهنجي ڪل جو اسپرنگ ڪلڪ لڳو ته ڪلڪدو ٿي ويو. ٿڪ ڏيئي مهيءَ کي ويهي سڄي ڏينهن جي پنج پڃان بيان ڪيم ته مهي به اچي ٿڪن ۾ چڙڪي.

Published by Naeen Dunya Publication, B-9, Floreana, Sitladevi Temple Road, Mahim, Bombay-400 016.
Printed by Vashu G. Wadhwani, at the 'Sundri Printing Press' Shop No. 4, Chembur Colony Road, Chembur, Bombay-400 074.